
جام جم
شمس الدین
"بلبل"

تصانيف شمس الدين بلبل - ١

# جام جم

مرتب

غلام محمد گرامي

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

١٩٧٧ع

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

سمورا حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن

ٻيون ايڊيشن: ڊسمبر 1977ع ڪاپيون: هڪ هزار

س. ا. ب. ڪتاب نمبر: 260

قيمت: آٺ رپيا
[Price: Rs. 8.00]

S. A. B. Publication No: 260

JAM-E-JUM (Jamshed's Cup): Selected Editorials from Weekly 'Aftab-e-Sind' (Sindhi), Sukkur, during 1918.

**Written by:** Shamsuddin "Bulbul".

**Compiled by:** Ghulam Muhammad 'Girami'.

**Published by:** Sindhi Adabi Board.
P. O. Box 12. Hyderabad Sind, Pakistan.
First Edition: 1977.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ـ مقدمو | ـ غلام محمد گرامي | 78-1 |

## متن

| | |
|---|---|
| (1) مسلمانن جي نڌڪي حالت ۽ هوم رول جي هلچل | 81 |
| (2) شروعات | 86 |
| (3) چوپڙي 'هند واسي' | 88 |
| (4) مسلمان هوم رول جي ڇو مخالف آهن | 94 |
| (5) جيڪي مسلمان هوم رول جي موافق آهن، تن جا ٽي قسم آهن | 100 |
| (6) نبيءَ جي آل ۽ اُمت | 102 |
| (7) هندن جي مسلمانن سان افسوسناڪ هلت جا ڪي ٿورا مثال | 112 |
| (8) مسٽر گوکلي جي اسڪيم ۽ اصلاح | 119 |
| (9) سنڌ جي مسلمانن جو عوامي آواز (انگريزيءَ ۾ ضميمو) | 7-1 |

هن ڪتاب جا شروعاتي 4 صفحا ۽ ڪوَر سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ
پريس، تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيا ۽ باقي مواد 154 صفحا
اسٽار پرنٽرز، پاڻي خان چاڙهي حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيا ۽ ظفرحسن
[illegible] ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# مقدمو

'جام جم' مرحوم شمس الدين بلبل جي صحافي فن جو هڪ تاريخي يادگار آهي، جنهن ۾ 'آفتاب سنڌ' اخبار ۾ آيل آهي ايڊيٽوريل آهن، جي هوم رول تحريڪ ۽ سنڌ جي مسلمانن جي حقن ۽ مطالبن جي حفاظت لاءِ 1918ع ڌاري لکيا ويا آهن.

بر صغير هند و پاڪ جي سياسي تاريخ جا ڄاڻو، 1857ع کان 1920ع تائين جي هنگامہ خيز ۽ ڪشمڪش واري سياسي دور کان واقف آهن. ان دور ۾ اڳتي هلي ملڪ کي آزاد ڪرائڻ جي سلسلي ۾ هندن ۽ مسلمانن طرفان ڪيئي تحريڪون پيدا ٿيون، جڻ هوم رول تحريڪ (1916ع)، ڪانگريس، هندو مهاسڀا ۽ مسلم ليگ وغيره.

'بلبل' جي پر آشوب دور ۾، هوم رول تحريڪ جي آڙ ۾، مسلمانن جي مستقل تهذيبي ۽ سياسي حيثيت کي نظرانداز ڪرڻ جي پاليسي اختيار ڪئي ويئي، ان جي خلاف، آفتاب سنڌ ۾ احتجاج ڪيو ويو ۽ دليل دلائل پيش ڪري، مسلمانن کي خبردار ڪيو ويو تہ هو دام هم رنگ زمين ۾ نہ ڦاسن.

ان سلسلي ۾ ان دور جي سياسي ليڊرن جي خيالات تي پڻ تنقيد ڪئي ويئي، خاص طرح سان رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙيءَ جي راين سان، سخت اختلاف ڪيو ويو آهي، جو هوم رول تحريڪ کي مسلمانن لاءِ نفع بخش قرار ڏئي چڪو هو.

'بلبل' مرحوم صاف بيان ڪيو آهي تہ هندن ۽ مسلمانن جا باهمي تعلقات نهايت خوشگوار ماحول ۾ گذري سگهن ٿا،

پر هندو زيادهہ اشتعال انگيز حرڪتون ڪري، مسلمانن ڪي برغلائن ٿا، ۽ ڪين سبز باغ ڏيکاري، پنهنجو آلہ ڪار بنائن ٿا. هندو، انگريز جي مايہ هيٺ، مسلمانن کي پنهنجو غلام رکڻ گهرن ٿا.

بلبل ان تي بحث ڪيو آهي تہ هندن ۽ مسلمانن جي وڌندڙ باهمي ڪشمڪش جو علاج اهو آهي تہ هندن ۽ مسلمانن جا مذهبي، سياسي ۽ تهذيبي حقوق ۽ مطالبا، جداگانہ نموني ۾ تسليم ڪيا وڃن ۽ چونڊون ڌار ڪرايون وڃن. جن صوبن ۾ مسلمانن جي ڪثرت آهي، انهن ۾ ڪين پراونشل آٽانامي ڏني وڃي.

'جام جم' جي ان تاريخي تحرير جي افاديت ۽ اهميت جي پيش نظر، ڪيترن سنڌي محققن، ان تحرير کي پاڪستان جي تشڪيل ۽ تعمير جي تاريخ ۾ اوليت جو شرف بخشيو آهي.

اها حقيقت بيشڪ درست آهي. 'بلبل' صاف طرح بيان ڪيو آهي. 'جام جم' جي ان نصب العين لاءِ مرحوم خادم لاڙڪاڻوي لکي ٿو:

"جام جم جو لکندڙ 'بلبل' پهريون شخص هو، جنهن پاڪستان جو عملي طرح پهريون قدم کنيو، پاڪستان لاءِ هيءَ گويا پهرين صدا هئي. ان وقت جا ليڊر رڳو جند سڌارن ملڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا هئا، تڏهن 'بلبل' جداگانہ قوميت جو آواز بلند ڪيو."
(تقريظ : 'ديوان بلبل' ص 54، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد)

## اخبار نويسي

'بلبل' سنڌ جو پهريون صحافي آهي، جنهن صحافت

کي فني معراج تي پهچايو. ان سلسلي ۾ هيٺين اخبارن ۽ رسالن جو ايڊيٽر رهيو.

(1) رسالو جامع العلوم، سنڌ مدرسه ڪراچي. (2) ڪراچي گزيٽ ڪراچي. (3) 'خيرخواهه' هفتيوار لاڙڪاڻه. (4) 'مسافر' هفتيوار حيدرآباد. (5) 'الحق' هفتيوار سکر. (6) 'آفتاب' سکر.

انهن مان 'خيرخواهه' لاڙڪاڻه جو 4 سال ايڊيٽر رهيو ۽ آفتاب سنڌ سکر جو تا دم حيات. ازانسواءِ سيهڙ ۾ رهندي، ڪيترين اخبارن جي ايڊيٽريءَ جي آڇ ٿي، پر وطن کان ٻاهر رهي ڪم ڪرڻ لاءِ آماده نه ٿيو اهي اخبارون ۽ رسالا 19 صديءَ جي پوئين اڌ کان 1918ع تائين جي دور جون تاريخي يادگار آهن.

'جام جم' اج کان اڌ صدي اڳ جي تحرير آهي، ان ڪري ان جي تاريخي حيثيت، مواد جي افاديت ۽ خيالات جي اهميت کان انڪار ڪري نه ٿو سگهجي.

## آفتاب سنڌ ۽ ان جا معاصر:

سنڌي اخبارن ۾ 'آفتاب سنڌ' کي به تاريخي حيثيت حاصل آهي، ڇاڪاڻ جو ان اخبار ذريعي، مرحوم بلبل نه فقط ان دور جي مسلمانن جي حقن جي حفاظت لاءِ قلمي محاذ کڙو ڪيو، پر ان سان گڏ، شگفته تحرير جو به بنياد وڌو، جنهن جو تتبع اڳتي هلي مرحوم مخلص ۽ شمس العلماء قليچ بيگ پارن بزوگن ڪيو.

بقول حافظ عبدالله 'بسمل':

"بلبل پهريون ئي اديب آهي، جنهن موجوده سليس نثر نويسيءَ جي طرز ايجاد ڪئي. درحقيقت شمس العلماء مرزا قليچ بيگ صاحب به هن طرز ۾، مرحوم بلبل جو ئي مقلد آهي.....سندس ايڊيٽريءَ ۾ جيڪي اخبارون

نگاريءَ جو ته استاد هو. سندس ڪلام دلچسپ ۽
دلڪش هوندو هو."

(مهراڻ سه ماهي 3-1963ع ص 211)

آفتاب سنڌ ۽ سندس فاضل ايڊيٽر رئيس شمس‌الدين 'بلبل' متعلق هن دور جو نامور مورخ ۽ محقق پير علي محمد راشدي، داد ۽ تحسين ڏيندي لکيو آهي:

"اوائل زماني ۾ ئي، آزاد خيال مسلمان طبقي "آفتاب سنڌ" جي نالي سان هڪ ٻي هفتيوار اخبار جاري ڪرائي هئي، جا منهنجي زماني تائين نيم مرده حالت ۾ ٽلڪندي ٿي رهي. پوين ڏينهن ۾ چڱو نالو ڪيو هئائين، مرحوم شمس‌الدين 'بلبل' ايڊيٽر هوس. 'بلبل' سنڌ اندر، اخبار نويسيءَ ۽ مذاقيه لٽريچر جو ڏاڍو آدم هو. مون کي سندس ديدار ڪڏهن به نصيب ڪونه ٿيو، پر سندس مضمونن ۽ نظمن جو پوريءَ دلچسپيءَ سان مطالعه ڪندو رهيس."

پير صاحب تسليم ڪيو آهي ته آفتاب سنڌ آزاد خيال مسلمانن جي پاران نڪتي ۽ بلبل سنڌي صحافت جو ڏاڍو آدم هو.

## الحق

'آفتاب سنڌ' ۽ 'الحق' ٻئي اخبارون پاڻ ۾ لازم ۽ ملزوم هيون.

'الحق' اخبار جو بنياد امن سپائي خيال وارن، انگريز پسند ماڻهن جي باهمي تعاون سان وڌو ويو. ان جو ايڊيٽر شيخ محمد سليمان ٿيو. 'الحق' جي پاليسي هڪ طرف انگريزن جي ستائش ۽ ثنا تائين محدود هئي، ته ٻئي طرف

آزاد خيال ۽ جداگانہ سياسي مطالبن ڪندڙ مسلمان گروهہ جي خلاف هئي. ٽئين طرف، وشوتخوور ڪامورن جي مالي امداد تي ٽڪندي، ڪامورن جي بيجا خوشامد ۾ مبتلا هئي. 'الحق' جي مالي حيثيت ايتري تہ چڱي هئي، جو خيرپور رياست جي ڪن وزيرن پس منظر ۾ رهي، انگريز جي خوشنوديءَ حاصل ڪرڻ لاءِ، هزارن رپين جي امداد ڪئي. جيستائين، مرحوم شيخ محمد سليمان 'الحق' جو ايڊيٽر رهيو، تيستائين 'الحق' جي پاليسيءَ ۾ ڪوبہ ڦيرو نہ آيو. سندس وفات کان پوءِ، جڏهن سندس فرزند شيخ عبدالعزيز ايڊيٽر ٿيو، تڏهن 'الحق' جي پاليسي بہ بدلائي وئي. شيخ عبدالعزيز نہ فقط ڪامورا شاهيءَ جي خلاف احتجاج بلند ڪيو، پر ان سان گڏ انگريزن جي تعريف ۽ ستائش کان بہ 'الحق' کي بچائڻ ۾ ڪامياب ويو. شيخ عبدالعزيز جي وفات کان پوءِ سندس ننڍي ڀاءُ، شيخ عبدالحڪيم جي دور ۾، 'الحق' پنهنجي آزاد خياليءَ کان دور ٿي ويئي. ٿان جو هڪ رواجي چاروَرقي اخبار ٿائين وڃي پهتي، جا رڳو سرڪاري اشتهارن جي رحم ۽ ڪرم تي پئي ٽڪندي هئي.

'الحق' جي اجراء ۽ پاليسيءَ تي بحث ڪندي، پير علي محمد راشدي صاحب هن طرح بحث ڪيو آهي:

"مسلمانن مان شيخ سليمان الحق نالي هفتيوار پرچو جاري ڪيو، جنهن جي اجراء ۾ مسلمان ڪامورن ۽ خيرپور جي وزيرن جو هٿ هو. علي محمد خان دهلوي، جو بعد ۾ بمبئي ڪائونسل جو ناميارو پريزيڊنٽ بڻيو، 'الحق' جو پهريون ايڊيٽر ٿيو. 'الحق' ڪجهہ ڏينهن حيدرآباد مان نڪتي، ۽ پوءِ هميشهہ لاءِ منتقل ٿي سکر آئي."

'الحق' جي آخري دور متعلق، پير صاحب لکي ٿو:

"الحق ان کان پوءِ (شيخ عبدالعزيز بن سليمان) سندس ننڍي ڀاءُ ميان عبدالحڪيم مرحوم جي حوالي ٿي. پر جنهن زماني ۾ آءٌ سکر آيس، ان کان اڳ ئي سندس عمر طبعي پوري ٿي چڪي هئي ۽ فقط سرڪاري اشتهارن ڇاپڻ لاءِ پيئي پساهه کڻندي هئي. هفتي، پندرهين ڏينهن اشتهار آيا پرچو نڪتو، ورنه ڏيو پيلو. سون پاڻ ڪجهه وقت ان اخبار ۾ مضمون لکيا ۽ ڪوشش ڪيم ته منجهس دوباره ساهه ڦوڪيان، پر پرچي جي پاليسي هئي، ته وقت جي سرڪار جي ثنا خواني ڪجي، ۽ اشتهار وٺجن. انهن ڏينهن ۾ ڪافي سياسي سجاڳي به اچي چڪي هئي، تنهن ڪري اهڙي پرچي ڪي همتائڻ لاءِ پبلڪ تيار نه هئي."

(اهي ڏينهن، اهي شينهن 182–183)

## "سنڌي" هفتيوار سکر

ان طرح "آفتاب سنڌ" سان مقابلي ۾، سکر ۾، ٻي مشهور اخبار هئي هفتيوار 'سنڌي'، جنهن جو ايڊيٽر مشهور آريه ۽ مهاسڀائي ويرو مل بيگراج هو.

ويرو مل بيگراج هڪ طرف آريه هو ۽ ٻئي طرف مهاسڀائي هو. هڪ طرف آريه سماج جي باني ۽ سوامي ديانند جي ڏومي پستڪ ستيارٿ پرڪاش کان متاثر ٿيو هو، ان ڪري هميشه اسلام ۽ پيغمبر اسلام تي گستاخانه ۽ غليظ حملا ڪندو هو. ٻئي طرف، سوامي شرڌانند جي تحريڪ 'شڌي ۽ سنگهٽن' جو ناميارو پرچارڪ هو. هن تحريڪ جو مقصد هو مسلمانن

کي شڌ ڪري، دوبارھ ھندو ڌرم ۾ آڻڻ، ۽ مسلمانن سان ٻاھمي ڪشيدگيءَ واري ھنگامي دور ۾، ساڻن ھشيار بند ٿي لڙڻ ۽ کين ناس ڪري ڇڏڻ. ٽئين طرف مھاسڀا جي صدر وير ساورڪر، ڊاڪٽر مونجي، لالھ لڇپتراءِ ۽ ڀائي پرمانند جھڙن متعصب ۽ دشمن اسلام ليڊرن جو شش تي چڙھيو ھو، جن جو مقصد ھو تھ مسلمانن کي يا تھ ناس ڪري ڇڏجي، يا کين ھندوستان مان ھڪالي ڪيدي ڇڏجي، ڇالاءِ تھ اھي مسلمان دشمن آھن.

ويرو مل بيگراج ۽ سندس 'سنڌي' اخبار لاءِ پير صاحب راشدي ھن طرح لکيو آھي:

"ويرو مل بيگراج جي سنڌي اخبار بنھھ ليڪا لتاڙيو بيٺي ھوندي ھئي. سندس نقطھ نگاھھ موجب ھندو ھر ڳالھھ ۾ حق تي ۽ مسلمان ھر معاملي ۾ ناحق تي ھئا. محض موقعي جي منتظر رھندي ھئي. موقعو آيو ۽ مسلمانن کي لتاڙڻ شروع ڪري ڏنائين. ويرو مل ھڪ موقعي تي، ھندو وڌوائن (بيوھھ عورتن) جي رھائش لاءِ "وڌوا گھر" کولرايو — خاص ھندو محلي ۾ ۽ خالص ھندو انتظام ھيٺ. مسلمانن کي تھ فقط ان رستي سان گھمڻ جي بھ اجازت ڪانھ ھئي. ڪجھھ عرصي بعد خبر ڪلي تھ ڪيترين وڌوائن کي اميدواري ٿي ويئي آھي! ھاڻي اھا بلا ڪري تھ ڪنھن تي؟ 'سنڌي' اخبار وڏين ھيڊنگن سان مضمون شايع ڪيو، جنھن جو ھي جملو مون کان اڄ تائين نھ وسريو آھي. "ڪن دشت دراچاري مسلن ابھم ڪنياڻن جو ڌرم ڀرشٽ ڪري ڇڏيو آھي!" "ابھم ڪنياڻن جو ڌرم ڀرشٽ" جنھن بھ ڪيو،

ظاهر آهي ته 'شيواجي' کو انگريزن جي مقابلي ۾ ڪونه وڙهيو هو. ان جو مقابلو مغلن سان ٿيو هو، جي مسلمان هئا. هتي جي هندو اخبارن خاص طرح سان مسلمانن جي دل آزاريءَ لاءِ شيواجي نمبر ڪڍيا ۽ انهن جي آڙ ۾ مسلمانن تي حملا ڪيا.

مهاسڀا جي صدر وير ساورڪر جو شيواجيءَ متعلق هيٺيون گيت، خاص طرح سان توجهه جي قابل آهي.

آريه نچيا ديشا، وير مليڇا گهالا،
آلا آلا، ساوڌهو شيو ڀوپالا،
مد گدتا، ڀوماتا، دي تج هانڪيلا،
ڪروڙراو ڀيدن، تو هرديه نه ڪانگيلا،
جئي ديو، جئي ديو، ديوشو رايا، جئي شورايا،
يا يا اننيه، شرڻ آريا، تارايا.

ترجمو: شيواجي مهراج! هن آريه ديش تي ملڇين (ڌارين يعني مسلمانن ڏانهن اشارو) جو حملو ٿي رهيو آهي! انهيءَ ڪري، توهان هت جلد اچو. ان طرح ٻين شعرن ۾ به اهڙو ئي رنگ آهي.

(آدرش ساهتيه منڊل ص 104 حيدرآباد)

شڌي ۽ سنگهٽن جي تحريڪن ڏانهن به جام جم ۾ اشارا آيل آهن. ان متعلق سنڌي اخبارن ڇا ڇا نه چيو؟ سنڌ جي هندو پرچارڪن ڪيڙيون ڪهڙيون تحريرون لکيون ۽ ڪئن قدم قدم تي مسلمانن جي جذبات کي ڪچليندا رهيا، ان جو هڪ مثال هن ريت آهي.

هندو مهاسڀا جي صدر، ڀائي پرمانند، هندو مسلم مسئلي تي سوامي ديانند، باني آريه سماج جي خيالات جي تجزيه پيش ڪندي لکي ٿو:

حرڪتن ۽ برڪتن جي قلعي ڪوليندو، ڪين بي نقاب
ڪندو ويو."
(مقدمه ديوان بلبل ص 37 سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد)

## بلبل تي مقدمو

مرحوم 'بلبل' جي دفاع ۾ تحريري انداز تـي هندو مشتعل ٿـي، مٿس مقدمي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. ان سلسلي ۾، ڪافي چندو ڪٺو ڪيو ويو، ۽ مٿس "هندو قوم تي حملي ڪرڻ ۽ سندن خلاف مسلمانن کي پڙڪائڻ" جي جـرم ۾ (153 قلم اپڪ) هيٺ مقدمو داخل ڪيو ويو. مقدمي ۾ بلبل پاران اول ريمنڊ وڪيل ٿيو، پر پوءِ هندن جي اخبارن ۾ سندس خلاف اشتعال انگيز تحريرون آيون ۽ مٿس ٻئي قسم جو به ڪافي زوربار آندو ويو، ان ڪري هندن جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ، هن 'بلبل' تي زور آندو ته هو هندن سان ناهه ڪري. 'بلبل' جي غيور طبيعت ان کي گوارا نه ڪيو ۽ مرحوم سر غلام حسين (سابق گورنر سنڌ) قومي غيرت وچان، فيءَ ڪان سواءِ، سندس وڪالت ڪئي. 'بلبل' جـي دليلن، هندن جي موقف کي غلط ثابت ڪيو. فاضل جج مسٽر سڏنڊس ڪيس با عزت آزاد ڪري، فريادي ڌر تي چندا وڌا ۽ فتوي ۾ لکيو:

"هندن برابر خراب روش اختيار ڪئي هئي، ۽ 'بلبل' جو ڪجهه به اظهار خيال ڪيو آهي، ان ۾ هـو حق به جانب آهي. اها حقيقت آهي ته سنڌ جـا هندو، بنگال جي فسادين لاءِ بمن ٺاهڻ واسطي چندو ڪري رهيا آهن."

(مقدمه 'ديوان بلبل'، از ضياالدين 'ضيا' مرحوم
ڇاپل سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد)

ان فتوي کي، حيدرآباد ۾ وڏو جلوس نڪتو ۽ سنڌ جي سڀني وڏن شهرن ۾ جلوس ۽ جلسا ڪيا ويا. ان کان پوءِ هندو مهاسڀا ۽ آريه سماج وارن جو دماغ ڪجهه ٺڪاڻي لڳو، ۽ شڪست خوردهه ٿي، ڪنهن ٻئي محاذ جي تلاش ۾ رهيا، 'بلبل' ۽ سندس هم ڪار گروهه جي سياسي بصيرت ۽ خدمت جو هر هنڌ خير مقدم ڪيو ويو.

# هندو مسلم ڪشيدگيءَ جو پس منظر

’جام جم‘ ۾ ’بلبل‘ مرحوم، هندو مسلم ڪشيدگيءَ جي پس منظر بيان ڪندي، اهڙا دلدوز ۽ رقت انگيز واقعا بيان ڪيا آهن، جن جي پڙهڻ سان، لونءَ لونءَ ڪانڊارجي وڃي ٿي. هندن پاران مسلمانن تي هٿيار بند ٿي حملو ڪرڻ، مسجدون ڊاهڻ، قرلٽ ڪرڻ، فساد مچائڻ، ڪا پراڻي روايت آهي، جنهن کي تاريخ اڄ تائين محفوظ رکيون آئي آهي. اهڙن واقعن کي بيان ڪرڻ کان پوءِ ’بلبل‘ سوال اٿاريو آهي ته، انهن صورتن جي هوندي، ’هندو مسلم اتحاد‘ ۽ ’هوم رول‘ جا معنيٰ ٿا رکن؟

بهرحال، ان دور جي ڪشيدگيءَ ۽ هنگامه خيز واقعات کي سمجهڻ جي سلسلي ۾، ’بلبل‘ اپيل ڪئي آهي ته هندو ذهنيت‘ جي تنگ نظريءَ ۽ تنگ خياليءَ کي مطالعو ڪرڻ گهرجي.

ان سلسلي ۾ محقق عالمن جو ڪجهه بحث ڪيو آهي، ان جا ٿورا ٿورا مختصر اقتباس، ان دور کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڏيندا، جن جي روشنيءَ ۾ ’جام جم‘ جي دانهن ۽ رڙين جو ڪو سبب ۽ دليل ملي سگهندو.

## تاريخي پس منظر:

برصغير هند و پاڪ جي تاريخ جا گذريل هڪ هزار سال مطالعو ڪبا ته پوءِ معلوم ٿيندو ته غالباً سڀ کان وڌيڪ

اهم پهلو، هندو مسلم ڪشمڪش آهي. هر دور ۾، مسلم فڪر، مسلم سياست، مسلم تهذيب ۽ تمدن، مسلم ثقافت ۽ خود دين اسلام سان، هندو ذهن جي ڪشمڪش نظر ايندي.

نئون نسل، جو تاريخ کان اڻ ڄاڻ آهي، اهو شايد ان تاريخي شعور جو علم نه رکندو هجي، ليڪن ڳالهه اهائي آهي ته اها ذهني ڪشمڪش اڄ تائين موجود آهي، ڇالاءِ ته ان جو بنياد تاريخ جي هڪ هزار سالن واري دور سان وابسته آهي.

حقيقت اها آهي ته هزار سالہ تاريخ ۾ 'اسلام' گويا هندو ڌرم ۽ هندو تهذيب لاءِ هڪ چئلنج ڪري تصور ڪيو ويو آهي، جلد باز ۽ جذباتي، متعصب ۽ ڪم علم ماڻهن، ڪڏهن به اسلام جي اصلاحي ۽ اخلاقي، امن پسند ۽ انسانيت نواز تصور حيات کي مطالعه نه ڪيو آهي، نه ڪو اهڙن ماڻهن اسلام جي انقلاب متعلق پنهنجن مشهور عالمن، راڌا ڪرشنن جي "فلسفه هند" يا ڊاڪٽر تاراچند جي "اسلام جو هند تي اثر" مطالعه ڪيو آهي، نه ڪو جواهرلال نهرو جهڙي شهره آفاق شخصيت جي تحريرن کي مطالعه ڪيو آهي، جن صاف صاف ٻڌايو آهي ته 'اسلام' هندوستان لاءِ امن ۽ ايمان، توحيد ۽ وحدت، محبت ۽ اخوت جو نصب العين آندو آهي.

جواهر لعل نهرو لکي ٿو:

"اسلام جو اچڻ، هندوستان جي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو 'اسلام' هندو سماج جي سمني خرابين جي اصلاح ڪئي، يعني فحاشي، عرياني، بت پرستي مظاهر پرستي، ذات پات جي تفريق، ڇوت ڇات، ترڪ دنيا ۽ خلوت گزينيءَ جي پاڙ پٽي ڇڏي. 'اسلام' جي اخوت جي نظريي ۽ مسلمانن جي عملي مساوات، هندن جي ذهن ۽ عقيدي تي ڏاڍو اثر ڪيو، خصوصاً اهي ماڻهو، جي هندو سماج ۾ برابريءَ ۽ برادريءَ

جي حقن کان محروم هئا، اهي ڏاڍا متاثر ٿيا ۽ لکن جي تعداد ۾ 'اسلام' ۾ آيا."
(تلاش هند ص 525-526)

ساڳيو پنڊت نهرو فرمائي ٿو:
"هندوستان ته ڇا، پوري انساني دنيا ۾، 'اسلام' پاڻ سان نوان خيال ۽ نوان طريقا آندا، جن انسانيت جي زوال پذير معاشري کي متاثر ڪيو. عقيدن، اخلاق، اصول حيات ۽ هيئت اجتمائي ۾ پيدا ٿيل اسلامي انقلاب، نهايت ديرپا به آهي ۽ اثر انگيز به آهي. 'اسلام' عوام جي ذهني افق ۾ وسعت پيدا ڪئي."
(تلاش هند ص 528)

ان طرح اين. ايس. مهتا فرمائي ٿو:
"اسلام دنيا ۾ نوراني مشعل جي صورت ۾ نمودار ٿيو. جنهن پراڻي زماني ۾، جڏهن پراڻيون تهذيبون زوال پذير بنجي چڪيون هيون، ۽ پاڪيزه مقصد، محض ظني عقيدا بنجي چڪا هئا، تڏهن 'اسلام' جي نوراني مشعل، زندگيءَ ۾ ڇانيل اونداهين کي پاش پاش ڪري ڇڏيو. ٻين ملڪن وانگر، خود هندوستان جي خيالات جي دنيا ۾ 'اسلام' جو دائرو وسيع ٿيو. بيشڪ اسلامي برادري ۽ برابري هڪ روحاني نظام تي مشتمل آهي، جنهن کي توحيد ۽ مساوات جي مشترڪ عقيدي وڌيڪ مفيد ۽ اثر انگيز بنايو آهي."
(هندي تهذيب اور اسلام ص 317)

اهڙن عالمن جي اعتراف هوندي به، جلد باز ماڻهن، اسلام ۽ ان جي تعليم کي هندو ڌرم لاءِ چئلنج قرار ڏنو، خاص طرح

مان آريہ سماج ۽ هندو سهاسيا پاران زهر افشاني ڪندي جو ڪجهہ لکيو ويو، ان جو اثر هندو ذهن تان ڪڏهن بہ لهي نہ سگهيو آهي.

هندو مذهب هڪ سامراجي سماج آهي، ۽ ان جو 'مزاج منڍ کان سامراجي ۽ تشدد آميز رهندو آيو آهي.' ان ڪري هو ڪنهن بہ ٻئي مذهب ۽ قوم کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ان طرح اهو آرين سلسلو، جو ان ڌرم جو علمبردار آهي، اهو بہ تاريخي طور تي استبداد ۽ تشدد واري ذهنيت جو علمبردار آهي. آرين، هت ايندي شرط، اول اول سنڌ جي تهذيب ۽ ان جي مرڪز 'موهن جي دڙي' کي تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ ان سان گڏ وادي سنڌو جي قديم باشندن دراوڙن کي ماري، ناس ڪري، ڏکڻ هندوستان ڏانهن هڪالي ڇڏيو. انهن جي سرسبز وادين تي زوريءَ تسلط قائم ڪيو. ان کان پوء، اگهتي هلي، ذات پات جو اهڙو دستور قائم ڪيو، جنهن ۾ حاڪميت ۽ بالادستيءَ جا سڀ پهلو، فقط پاڻ لاءِ مستقل ڪري ڇڏيائون. اڳتي هلي، آريہ ۽ اڻ آريہ جو فرق وچ ۾ آڻي، شودرن ۽ اڇوتن کي نيچ ۽ دشٽ سڏي، انهن کي زندگيءَ جي هر پهلوءَ مان خارج ڪري ڇڏيائون ۽ ان سلسلي ۾ ڪروڙن ماڻهن کي ماري ناس ڪيائون.

ان حاڪميت مان برهمزم جو نظام ٺهيو، جنهن پنهنجي پوترتائيءَ ۽ برتريءَ کي قائم رکي، باقي پوري انسان ذات کي شودر ۽ نيچ قرار ڏنو ۽ ڪروڙين ماڻهو ڀيل، مينگهواڙ ۽ اڇوت قرار ڏنا ويا.

'برهمڻ' جي تسلط ۽ استبداد جي اصلاح لاءِ ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم رد عمل ۾ پيدا ٿيا، پر جنهن بيدرديءَ سان، انهن کي هندن ڪچلي ڇڏيو، ان جو مثال انساني تاريخ ۾ ملي نہ ٿو سگهي. اصل ۾ ٻڌ ڌرم، اخوت ۽ مساوات، برابري ۽ برادري

جو پيغام هو، جنهن کي 'برهمڻن' پاڻ لاءِ چئلنج قرار ڏنو.
نتيجو اهو نڪتو جو 'ٻڌمت' پنهنجي پيدائشي وطن مان خارج
ٿي، وڃي چين ۽ برما ۾ سر لڪايو!

محققن ان آريائي برهمنزم کي، هڪ 'اژدها' سڏيو آهي، جنهن بر صغير هند و پاڪ ۾ پنجن هزارن سالن کان وٺي، معصوم انسانن کي پٺي ڏنگيو آهي.

بقول مورخ ڊوبل: "برهمنزم هڪ سمنڊ آهي، جنهن ۾ جا به چيز وئي، سا ڇٽي!" ان طرح جواهر لال نهرو جي قول موجب: "هندو ڌرم جا هزار جذب ڪندڙ پهلو آهن."

پر جڏهن اڳتي هلي ان نظام جي اڳيان 'اسلام' آيو، تڏهن هندو ذهنيت کي اهڙو حريف مليو، جنهن جو مخصوص نظام حيات هو، مخصوص آدرشي پيغام هو، جنهن ۾ انقلاب ۽ حرڪت، اصلاح ۽ اخلاق جو حرڪت پذير ۽ ترقي پسند نصب العين هو، تنهن ڪري، ان کي اها 'اژدها' نڪو ڳهي سگهي، ۽ نه ڪو اهو سمنڊ ڪيس ٻوڙي سگهيو.

'برهمنزم' جي سامراجيت ۽ استبداد لاءِ، اسلام جي اخوت ۽ وحدت واري تعليم 'موسوي عصا' ٿي سامهون آئي، جنهن برهمنزم جي اژدها کي ڪچلي ڇڏيو.

'برهمنزم' مان گرونانڪ، چيتن ۽ ڪبير جهڙا هزارين باغي ۽ مصلح پيدا ٿيا، جن توحيد ۽ وحدت الوجود، وحدت فڪر ۽ وحدت عمل جي تبليغ ڪري 'برهمنزم' کي جهوري وڌو.

اهو سڀ 'اسلام' جي برڪت مان ٿيو. ان هوندي به اسلام کي پاڻ ۾ ڳهڻ ۽ جذب ڪرڻ لاءِ 'برهمنزم' ڪيئي جتن ڪيا، جي ڪامياب نه ٿي سگهيا. مسلمانن کي اڳتي هلي مليڇ ۽ دشٽ پڻ سڏيو ويو، وديشيءَ جو الزام رکيو ويو، تاهم اٺ سو سال مسلمان حاڪم به رهيو ۽ زندهه به

رهيو، تان جو صوفيائي ڪرام جي تبليغ سان ڪروڙين هندو اسلام ۾ آيا. اج بر صغير هند و پاڪ ۾، ويهن ڪروڙن کان مٿي مسلمان آهن، جي سڀ جا سڀ ٻاهران آيل ناهن.

## سياسي پس منظر:

هندو ذهنيت ۽ برهمزم جي سياست جو سارو دارومدار، انهن جي وڏي سياسي مفڪر ڪوٽليا جي فڪر تي آهي. ڪوٽليا ٽي سو سال مسيح عليه السلام کان اڳ جو آهي، ۽ هو چندر گپت جو وزير هو. سندس سياسي اصول ميڪاولي مڪر ۽ فريب کان به وڌيڪ سخت آهن.

## ڪوٽليا جا اصول:

ڪوٽليا لفظ جي معنيٰ ٿي آهي 'مڪار'. ان جو اصل نالو هو پنڊت چاڻڪيه..... سندس عيارانه ۽ مڪارانه تصنيف جو نالو آهي "اَرٿ شاشتر". ان ۾ چند اصول ٻڌايا ويا آهن، جن تي برهمزم جي تشڪيل ٿي آهي.

(1) منهنجي گروهه جو اپديش آهي ته صلح وارو اهو معاهدو، جو قسم تي ۽ ديانتدارانه طور ڪيو وڃي، ان ڪي به ٽوڙڻ ۾ ڪو گناهه ناهي! مطلب هٿ ايندي، ٽوڙي ڇڏجي.

(2) نيچ ذات مليڇن، اڇوتن ۽ شودرن کي ناس ڪري ڇڏجي.

(3) ڪمزور حاڪم جي ڪمزوريءَ سان فائدو وٺي، سندس ملڪ ۾ فساد ڪرائي، کيس ناس ڪري ڇڏجي.

(4) اقتدار جي هوس کي ڪڏهن به ٿڌو نه ڪجي، هميشه گرم رکجي.

(5) اقتدار جي حاصل ڪرڻ ۾ ڪوڙ، ظلم، دغا ۽ فريب سڀ جائز آهن.

(6) هيٺين تي ظاهري طور هٿ وکجي، پر وجهه وٺي ڪيس ناس ڪجي.

(7) همسايه قومن ۽ ملڪن کي هميشه 'دشمن' تصور ڪرڻ گهرجي.

(8) غير هم سايه ملڪن سان ناتا وڌائي، هم سايه ملڪن کي هميشه ڏٻل ۽ هيسيل رکڻ گهرجي.

(9) 'امن' ۽ 'صلح' ٻئي بي معنيٰ لفظ آهن، نه سمجهڻ گهرجن، چاهي ساري دنيا اوهان کي مجبور ڪري.

(10) پنهنجي ڌرم ۽ پنهنجي نسل کان سواءِ، باقي سڀ ڌرم ۽ نسل ناس ڪري ڇڏجن. انهن کي وڌڻ ۽ ويجهڻ نه ڏيڻ گهرجي.

اهو آهي چاڻڪيه ڪوٽليا جو اپديش، جنهن هزارن سالن کان بر صغير هند و پاڪ جي غير برهمن قومن کي ناس ڪيو آهي.

اهي ئي اصول آهن، جن پراچين ڀارت ۾، ڪشش و خون جون نديون وهائي ڇڏيون، اهوئي فلسفه زندگي آهي، جو هزارن سالن کان لاڳيتو هلندو آيو آهي. ان ئي ماحول ۾ مسلمانن هڪ هزار سال حڪومت ڪئي. اهوئي فلسفه حيات آهي، جو اڄ تائين 'هندو ذهنيت' جو پراچين ورثو ڪري ڇيو وڃي ٿو.

## برهمنزم جا "چار ورڻ":

'برهمنزم' جا چار ورڻ، پڻ انسان ذات لاءِ هڪ لعنت آهن، جن ۾ چيو ويو آهي ته 'برهمن' خالص برهما جي مک مان پيدا ٿيل آهن، ان ڪري مذهبي، ڌرمي ۽ سياسي اقتدار جا مالڪ فقط برهمڻ ئي آهن.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته پراچين هند ۾، راجائن ۽ مهاراجائن وٽ پرڌان منتري 'برهمڻ' ئي هئا. انهن 'برهمن' وزيرن جي

مڪر ۽ فريب جو ادني ثبوت راجا ڇچ مهاراج آهي، جنهن مڪر ۽ فريب، ويچار ۽ چرب زبانيءَ سان، سنڌ جي مقامي راجا کي ختم ڪرايو ۽ سنڌ جي تخت ۽ تاج کي پنهنجي اقتدار ۾ آندو. اهوئي ڇچ آهي، جنهن لاءِ ڊاڪٽر تاراچند جهڙو محقق لکي ٿو:

”ڇچ هڪ مڪار هو، هن عام رعايا کي ستايو. پڌ ڌوم وارن کي پيرين ۽ سٽي اگهاڙي هلڻ جو حڪم ڪيائين، نيچ ۽ اڇوت قومن کي برباد ڪيائين“
(اسلام جو هند تي اثر، ’سنڌ‘، باب 3)

## برهمڻن جا حق ۽ حڪم:

رگ ويد منڊل، سوڪت 109، منتر 6، 7 ۾ آهي.

(1) اگر ڪنهن عورت جا اڳ ڏهه ”غير برهمڻ“ خاوند موجود هجن ۽ ڪو ’برهمڻ‘ سندس هٿ جهلي، ته پوءِ اهوئي سندس خاوند ٿيو، ڇو ته برهمن ئي عورتن جا مالڪ ۽ خاوند آهن، ۽ نه ڪتري ۽ ويش!

(2) برهمڻ کي ڪنهن به ڏوهه ۾، موت جي سزا نه ٿي ڏئي سگهجي!

(3) ڪنهن شودر ۽ اڇوت جي ڪنن تي اگر پل چوڪ ڪان ’ويد‘ جي واڻي اچي، ته پوءِ سندس ڪنن ۾ شيهو ڳاري وڌو وڃي.

(4) شودر ۽ اڇوت جي پيدائش جو غرض برهمڻ جي غلاميءَ لاءِ آهي.

(5) شودر، مال جمع نه ڪري، پر جي گڏ ڪري ته برهمڻ کي اجازت آهي ته کانئس کسي وٺي.

(6) شودر جو جيڪو عضوو، برهمڻ جي بي عزتيءَ جو سبب بڻجي، ان کي ڪاٽي ڇڏڻ گهرجي.

(7) اگر اڇوت، برهمڻ تي تڪ آڇلائي ته پوءِ سندس هٿي ڇپ ڪاٽي ڇڏجن.

(8) اگر ڪنهن اڇوت شودر جو 'ڇانو' برهمڻ تي پوي، ته پوءِ سندس لاءِ موت جي سزا واجب آهي.

(9) اڇوت 'ويد' جي منتر کي اچاري، ته پوءِ سندس زبان وڍڻ گهرجي.

ڇا هنن حڪمن جي موجودگيءَ ۾ هندو ذهنيت ۽ برهمنزم تي ڪو وڌيڪ تشريحي بحث ڪري سگهجي ٿو؟

اهي ئي عناصر ۽ اصول آهن، جن مان برهمنزم جي ذهنيت ٺهي آهي، ۽ تاريخي طور تي اهي ئي عناصر ۽ اصول، هزار سالن تائين 'مسلمانن' سان وڙهندا آيا آهن.

ارادا:

آن ئي ذهنيت جي پيداوار آهي ساري دنيا تي هندو حڪومت! ديانند سرسوتي چيو: "ڪعبي تي 'اوم' جو جهنڊو چاڙهيندا سون." مسلمان هندوستان مان لڏي عرب ڏانهن هليا وڃن مسلمانن کي شڌي ڪري، هندو ڌرم ۾ آندو وڃي. ان طرح جديد هندو ذهن جو معمار گروگولوا پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو:

"اسان وري به چئون ٿا، ته هندوستان ۾، جا هندن جي سر زمين آهي، جتي هندو قوم رهي ٿي، ۽ صرف اهائي قوم رهي سگهندي." (ص 52)

"ان نقطه انداز سان، جنهن جي تائيد قومن جي تجربه مان ٿي آهي، هندوستان ۾ رهندڙ غير هندو تهذيب ۽ هندي زبان اختيار ڪرڻ گهرجي، انهن کي هندو

ڌرم جي تقدس کي مڃڻ گهرجي. انهن کي پنهنجي ذهن ۾، هندو نسل ۽ تمدن جي عظمت کان سواءِ، ڪنهن به ٻئي خيال کي نه آڻڻ گهرجي. هڪ جملي ۾ کين ٻيروني ۽ وديشي اثر کان بلڪل پاڪ هئڻ گهرجي. ورنه هت کين ڪلي طور، هندو قوم جو غلام ٿي رهڻو پوندو، نه ڪه ڪنهن به شيء جو مطالبو ڪري سگهندا. نه ڪو ڪنهن حق جي تحفظ جا مستحق ٿيندا. ڪنهن به ترجيحي سلوڪ جو ته سوال ئي نه ٿو اٿي سگهي. شهريت جي حقن جو ته انهن لاءِ ڪو جواز ئي نه ٿو اٿي سگهي."
(ص 55-56)

## لاله هرديال جو ارشاد:

فرمائي ٿو:

"مان چوان ٿو ته هندو نسل جو مستقبل چئن ٿنڀن تي آهي: (1) هندو سنگهٽن (تنظيم) (2) هندو راڄ (3) مسلمانن جي شڌي (4) افغانستان جي فتح. جيستائين هندو اهو سڀڪجهه حاصل نه ڪندا، تيستائين اسان جو اينڌڙ نسل هميشه خطرن ۾ گهيريل ۾ هوندو."
(لاله هرديال جي تقرير مطبوعه تيج، 20 جون 1924ع)

انهن چند مثالن مان واضح آهي ته آزاديءَ جي تحريڪن هلائيندي، ڪن جلد باز ۽ اشتعال انگيز هندو ليڊرن جو خيال ڇا هو. جنهن جي رد عمل ۾ سر سيد احمد کان وٺي قائد اعظم تائين، مسلمانن مسلسل دفاعي جدوجهد ڪئي، ۽ آخرڪار هڪ جداگانه مملڪت حاصل ڪئي.

افسوس اهو آهي تہ انهن حقيقتن تي ڪڏهن بہ سنجيدگيءَ سان غور نہ ڪيو ويو آهي. پروپيگنڊا جو هڪ طوفان آهي، جنهن ۾ جيترا آهن منهن اوتريون آهن ڳالهيون:

ورنہ اگر ڪو حق پسند محقق ٿي ڪري، تحقيق ۽ ديانتداريءَ کان ڪم وٺي تہ پوءِ هوند ڪيس خبر پئجي وڃي تہ هڪ مجبور ۽ معذور قوم اهڙين حالتن ۾ ڇا ڇا ڪري ٿي سگهي.

# هندو ڌرم ڇا ۽ ڇو؟

'هندو ذهنيت' ۽ برهمنزم جي تشڪيل ۽ تعمير ۾، خود 'هندو ڌرم' جي حيثيت ۽ تجرياتي عناصر جي مطالع کان پوءِ، نڪرندڙ نتيجن جو وڏو دخل آهي. مذهب ۽ ڌرم، ڪن اصولن جي بنياد تي، انساني ذهن کي متاثر ڪري ٿو ۽ ڪن اخلاقي قدرن جو پابند بنائي ٿو، پر جو 'ڌرم' اصول ۽ فروع جي حيثيت سان، توڙي اخلاقي قدرن جي موجودگيءَ سان، وابسته ٿي نه هجي، سو هڪ فرد ۾ ذمه دارانه احساس ۽ زندگيءَ جو شعور پيدا ڪري، سو قطعاً ناممڪن آهي.

'هندو ڌرم' ڇا آهي ۽ عالمن ان جي ڪهڙي تشريح ڪئي آهي، ان کي غور سان مطالعه ڪرڻ گهرجي، ڇو ته هندو ڌرم کي سمجهڻ نهايت مشڪل آهي. 'هندو مت' سچ پچ ٻين مذهبن وانگر ڪنهن با اصول ۽ مقرر نظام جو تالو ناهي، نه اهڙو ڪو مقرر مقدس ڪتاب آهي، جنهن تي سڀني هندن جو اتفاق هجي ۽ نه ڪو 'هندومت' جو ڪو هڪ باني ۽ پيشوا آهي، جنهن تي سڀني هندن جو مضبوط ايمان هجي، جئن ٻين مذهبن جا پيغمبر ۽ باني آهن، جي بلڪل مشهور آهن، ۽ انهن کان پوري دنيا واقف آهي.

## (1) جان ڪلارڪ آرچر جي تحقيق:

"هندومت جو ڪو به باني ناهي، جنهن ڪو بنيادي ۽ اصولي پيغام ڏنو هجي. نه ڪو هندن وٽ زردشت،

عيسيٰ ۽ محمد صلي الله عليه وسلم وانگر رهنما ۽ پيشوا ۽ پيغمبر آهي. هندن وٽ ڪنفيوشس وانگر به ڪو شخص ناهي، جو طول طويل موروثي روايتن کي پوريءَ طرح مرتب ٿي مڃي سگهجي. سنئين سڌي حقيقت اها آهي ته هندن وٽ اهڙيون شخصيتون به ڪين آهن، جئن جين ڌرم وارن وٽ مهاويرسوامي آهي، يا جئن ٻڌ ڌرم وارن وٽ ”گوتم ٻڌ“ آهي. پيو ته ٺهيو، وڃو سکن وانگر گرو نانڪ جهڙي شخصيت به وٽن ڪانه آهي. ان جو نتيجو اهوئي ڪڍي سگهجي ٿو ته هندو مت جو باني هڪ انبوه آهي، جنهن انبوه جون سڀ شخصيتون اونداهيءَ ۽ مياڀالاجيءَ ۾ لڪل آهن.“

(The Great Relegious of the mordern world. p-44)

ممڪن آهي ته هڪ غير هندو عالم ۽ محقق جو هي رايو تعصب جي پيداوار چيو وڃي.

## (2) پنڊت جواهر لال جا لفظ:

پنڊت جواهر لال نهرو فرمائي ٿو:

”هندو مت، ڪنهن هڪ مقرر عقيدي، مقرر مذهب ۽ مقرر اصول جي حيثيت سان مبهم، بي ترتيب ۽ منتشر آهي. ان جي تعريف ۽ تشريح بيان ڪرڻ، يا مذهبن جي عام مفهوم جي اعتبار سان متعين ۽ باضابطي نموني ۾ اهو چوڻ ته اهو مذهب آهي يا نه، ڏاڍي مشڪل ڳالهه آهي، بلڪ ناممڪن آهي. هو موجوده توڙي گذريل دور ۾، تمام گهڻن منتشر ۽ متضاد عقيدن ۽ عملن تي مشتمل آهي. بلند ترين

تعليم ڪان وٺي پست ترين تعليم تائين، هڪ ٻئي
جي متضاد ۽ متصادم!"
(تلاش هند ص 37)

## (3) مهاتما گانڌيءَ جو ارشاد:

ان طرح مهاتما گانڌيءَ لکيو آهي:
"هي هندو مت جي خوش قسمتي آهي، يا بدقسمتي
آهي، جو ان جو ڪوبه سرڪاري عقيدو ڪونه آهي.
سادن لفظن ۾ اگر مان ڪا تعريف ڪريان ته فقط
ائين ٿي چوان ته هڪ شخص خدا تي اعتقاد نه
رکندي به پاڻ کي هندو سڏائي سگهي ٿو."
(هندو ڌرم ص 4)
ان مان چٽو ثابت ٿيو ته سيني مذهبن وانگر خدا تي
ايمان آڻڻ، هندو مت ۾، ڪو لازمي ۽ اصولي شرط ناهي!

## (4) راڌا ڪرشنن:

ان سلسلي ۾، ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن، سابق صدر جمهوريه
هند، جو هندو مت جو بلند پايه محقق تسليم ڪيو ويو آهي،
لکي ٿو:
"هندو مت جو بنياد، ڪنهن به نسلي سبب اسباب
۽ عامل تي رکيل ناهي. هيءَ فقط فڪر ۽ جذبات
جي وراثت آهي، جنهن ۾ هر نسل ۽ هر قوم،
پنهنجو پنهنجو خصوصي حصو ادا ڪيو آهي ——
۽ بس."
(ايسٽرن رليجن اينڊ ويسٽرن ٿاٽ ص 307)
مطلب هي آهي ته هندو مت جي ترڪيب ۾ بي شمار
قومن ۽ تهذيبن ۽ ڌرمن جا عناصر مليل آهن، ورنه هي ڪا
مستقل 'مت' نه آهي ۽ نه ڪا مقدس الهامي حيثيت آهي.

ظاهر آهي ته هر سماج ۾ هر نسل ۽ هر قوم جا اعمال ۽ اخلاق سراسر دوست نه ٿيندا آهن، تاهم جو ڪجهه به سامهون آيو، اهو ترتيب کان سواءِ هندو مت ۾ گم ٿيو.

## (5) شري آروبندو گهوش جي راءِ:

هندو فاضل شري آروبندو گهوش، پنهنجي ڪتاب، 'هندستاني تهذيب جا بنياد' ۾ لکي ٿو:

”ٻهرين شڪل، جا هر اهل دماغ جو مٿو ڦيرائي ٿي ڇڏي ۽ جنهن متعلق مغربي عالمن جو دماغ بري طرح سان الجهي چڪو آهي، سا اها آهي ته آخر 'هندو مت' آهي ڇا؟ مغربي ذهن سوال ٿو ڪري، ته هن مذهب جو آخر روح ڇا آهي؟ ان جو ذهن ۽ ان جو متعين فڪر آخر آهي ڪهڙي؟ ان جي جسم جو مخصوص ٻول ڪهڙو آهي؟ پهرين ته ڪو به مذهب ان طرح ٿيندو آهي، جو ان جو نه ڪوئي محڪم عقيدو هجي، جنهن جي انحرافيءَ لاءِ عذاب جو ڏپ هجي ۽ جنهن تي ايمان آڻڻ لازم ٿي پوي. يا اهڙو ڪو مذهب آهي، جنهن ۾ دينيات جا مقرر ڪيل اصول ٿي نه هجن، نه ڪا منجهس 'دينيات' هجي، نه ڪو بنيادي عقيدو هجي، جو کيس ٻين مذهبن جي ڀيٽ ۾ امتياز بخشي. ڇا ڪو اهڙو پيو مذهب آهي، جنهن جو ڪو پوپ ۽ مذهبي پيشوا نه هجي، انتظام ڪندڙ ڪو ڪليسائي نظام ٿي نه هجي، نه ڪو ان لاءِ چرچ ۽ مسجد ۽ ديول ۽ ڪليسا جهڙو نظام هجي، نه ڪو ان لاءِ ڪعبه ۽ يروشلم وانگر مشهور عبادت گهر هجي. ڪا جماعتي تنظيم نه هجي، ڪا لازمي مذهبي شڪل نه هجي، جنهن ڪري سندس

جي لحاظ سان ڪجهہ زياده متعين ناهي!....’هندو‘ لفظ سنسڪرت جي قديم ڪتابن ۾ بہ ناهي. هي لفظ اصل جي اعتبار سان ’باهريون‘ آهي. اهو لفظ ’انڊس‘ يا سنڌو (سنڌ)، مان نڪتو آهي. اهو لفظ سنڌو درياءَ جي اوپر وارن ماڻهن لاءِ، مسلمانن استعمال ڪيو ۽ رفتہ رفتہ اهو لفظ هند جي باشندن تي حاوي ٿي ويو. معنيٰ تہ هندو هندوستان جو.“(ص 7)

ان جي تائيد پائي پرمانند، آل انڊيا مهاسڀا جي صدر، پڻ ڪئي آهي.

ايتري بحث مان اهو نتيجو ٿو نڪري تہ هندو ۽ هندوست جي حقيقت ڪنهن اصول ۽ آدرش، نصب العين ۽ مذهبي نظام وانگر ناهي، پر هي هڪ ’سماج‘ آهي. ان ڪري هندوءَ جي ذهني نشو و نما ۾ ڪابہ معنوي حقيقت سمايل ناهي. هو ڪنهن بہ سماج، بہ مذهب، بہ نصب العين ۾ نہ ڪو پاڻ شريڪ ٿئي ٿو ۽ نہ ڪو ان کي پاڻ سان گڏ رهڻ ڏئي ٿو.

# برصغير هندو پاڪ جو سياسي پس منظر
# 1857ع-1920ع

1857ع واري آزاديءَ جي جدوجهد، جنهن کي انگريزن بغاوت قرار ڏنو، ان جو سارو الزام، انگريزن پاران مسلمانن تي ئي هنيو ويو. حڪومت برطانيه ۽ عيسائي مبلغن اهو فيصلو ڪيو ته ان بغاوت جا مهندار مسلمان ئي آهن، هندو رڳو هنگامي حالتن ۾ شريڪ ٿيا هئا، انهن جو ڪوبه ڏوهه ناهي.

## هيرنگٽن ٽامس

”مون بيان ڪيو ته غدر (1857ع) جا باني هندو ناهن، اها 'مسلمانن جي سازش' هئي. مسلمان خليفه اول (ترڪي) کان وٺي اڄ تائين مغرور، غير روادار ۽ ظالم رهندا آيا آهن. سندن مقصد ”اسلامي حڪومت جو قيام“ آهي. کين عيسائين کان نفرت آهي. هو ڪنهن به غير مسلم حڪومت لاءِ 'وفادار رعايا' ٿي نه ٿا سگهن. قرآني احڪام جي موجودگيءَ ۾ اهو ناممڪن آهي.“

(حڪومت خود اختياري، ص 58_57)

## چارلس گرانٽ

ڪمپنيءَ جو ڊئريڪٽر چارلس گرانٽ لکي ٿو:

”هندو ايترو دل جا ڪمزور آهن، جو انهن ۾ سياسي آزاديءَ حاصل ڪرڻ جيتري قابليت پيدا ٿيڻ جي ڪابہ اميد ناهي! ان جي خلاف حڪومت کي اهو خطرو هوندو هو تہ اسان مسلمانن کان حڪومت کسي آهي، تنهنڪري حڪومت کي کسڻ جي طاقت بہ مسلمانن ۾ ئي آهي. تنهن ڪري مسلمانن کي هر شعبہءِ حيات ۾ ختم ڪيو ويو. هر طرف مسلمانن جي اقتصادي ۽ معاشي زندگي قريب قريب ختم ڪئي وئي، کين تعليم ۽ تربيت کان محروم ڪيو ويو.“
(تاريخ تعليم، سيد محمود ص 151)

## مدراس حڪومت اعتراف ڪيو تہ:

”موجوده تعليم جو خاڪو هندن جي ضرورتن آهر بنايو ويو آهي ۽ مسلمانن کي يڪسر نظرانداز ڪيو ويو آهي. ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ مسلمانن جي گهٽتائي ڪو حيرت انگيز امر ناهي، بلڪ مٿين حالتن ۾ انهن مسلمانن جو زنده رهڻ ۽ هجڻ وڌيڪ حيرت انگيز آهي.“ (تاريخ تعليم، سيد محمود ص 155)

## سر جيمس:

سر جيمس، جو باغين جي تحقيقات لاءِ مقرر ٿيو هو، ۽ جنهن جي تحقيقات جي نتيجي ۾ هزارها مسلمان ڪاري پاڻي جي سزا وٺي چڪا هئا، اهو هن طرح ٿو لکي:

"اسان ائين نہ ٿا چئي سگھون تہ مسلمانن جهڙي بي اطميناني بي بنياد آهي. سالن جا سال لاڳيتو مسلمانن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي، ۽ انهن ڏانهن غفلت جي روش روا رکي وئي آهي."
(ڪلڪتہ رويو آڪٽوبر 1860 ص 195ع
روشن مستقبل، ص 166)

## ملازمت

ملازمت جا دروازا مسلمانن تي بند ڪيا ويا.

ڊاڪٽر هنٽر 'مسلمانان هند' ۾ لکي ٿو.

"1879ع ۾ مشڪل سان ڪو اهڙو سرڪاري دفتر هوندو، جتي اوهان کي مسلمان ملازم ملندا. جي ملندا تہ اهي هوندا چپراسي، پٽيوالا يا ٽپالي. انهن کان سواءِ بي ڪنهن بہ ملازمت ملڻ جي مسلمانن کي اميد ڪانہ آهي." (روشن مستقبل ص 150)

ساڳيو هنٽر ٻئي هنڌ لکي ٿو:

"مسلمان هاڻي ايترو هيٺ ڪري چڪا آهن، جو باوجود ملازمت جي هجڻ جي بہ کين ڪانہ ٿي ملي."
(مسلمانان هند، سر وليم هنٽر ص 158ع
روشن مستقبل ص 159)

ان کان علاوه، مسلمانن جون بچيل ملڪيتون بہ لٽيون ويون ۽ سوين بيگناهہ عالم قريباً ست سو ڪاري پاڻيءَ ڏانهن موڪليا ويا، جن وچي اندمان ٻيٽ کي آباد ڪيو.

سر آڪلنڊ، گورنر صوبہ متحده (يو. پي) لکيو آهي:

"غدر ناڪامياب ٿيڻ کان پوءِ، اسان مسلمانن کان سخت انتقام ورتو ۽ ٻنهي قومن، انگريزن ۽ مسلمانن،

ترقي ڪرڻ ئي قومي بهبوديءَ جي مترادف آهي.“
(تهذيب الاخلاق، فيبروري 1865ع)

ان کان پوءِ، ساڳي سر سيد احمد، مسلمانن جي تعليم بابت ڳالهه ڪندي چيو:

”هاڻي مون کي يقين ٿي چڪو آهي، ته هندو ۽ مسلم قومون، ڪنهن به ڪم ۾، دل سان شريڪ ٿي نه سگهنديون. هيئنر ته ڪجهه ٿيو ئي ڪونهي، جو ٿيو آهي، اهو ته اڃا گهٽ آهي. آئينده زياده مخالفت ۽ عناد منجهن پيدا ٿيندو، اهو سڀ تنگ دل تعليم يافته هندن جي ڪري، وڌندو نظر اچي ٿو. جو زنده رهندو، سو پنهنجين اکين سان ڏسندو.“

سر سيد جي پيشنگوئي، اڳتي هلي حرف به حرف درست ثابت ٿي.

## هندو ذهنيت:

هندو ذهنيت جي تشڪيل جن عناصرن مان ٿي آهي، اهي عناصر برهمنزم مان پيدا ٿيا. ان متعلق اسان هن کان اڳ گهڻو ڪجهه لکي چڪا آهيون.

سر سيد کان پوءِ هندو ذهنيت جي ترجماني ۽ تشريح جن هندو ليڊرن وقت به وقت پئي ڪئي آهي، ان کي مطالعه ڪرڻ کان پوءِ هر صاحب عقل دنگ رهجي ٿو وڃي.

مثلاً لاله هرديال جهڙي روشن خيال ليڊر به هن طرح چٽي ڏنو:

”مان چوان ٿو ته هندو قوم ۽ هندوستان ۽ پنجاب جو مستقبل هنن چئن آدرشن تي منحصر آهي: (1) سنگهٽن (2) هندو راج (3) اسلام ۽ عيسائيت

جي شڌي (4) سرحدي مسلم علائقن تي فتح حاصل ڪرڻ ۽ انهن جي شڌي. جيستائين هندو اهي چارئي مرحلا طئي نہ ڪندا، تيستائين اسان جــو اولاد، پٽ، پوٽا ۽ پڙ پوٽا هميشہ لاءِ خطري ۾ رهندا."

اهڙن خيالن ڪري تعليم يافتہ ۽ تاجر هندو هميشہ اهڙين سازشن ۾ مشغول رهندا هئا ۽ 'شڌي ۽ سنگهٺن' تحريڪن ۾ حصو وٺندا هئا.

ان طرح لالہ لجپتراءِ جهڙي مشهور معروف ليڊر بہ هن طرح پنهنجو خيال ظاهر ڪيو:

"هڪ ئي چيز، جا گهڻي زماني کــان مــون لاءِ بيقراريءَ جو سبب بڻي آهي، سو آهي 'هندو مسلم اتحاد' جو مسئلو. مان چاهيان ٿو تہ اوهان کي ان متعلق فڪر ۽ غور لاءِ دعوت ڏيان. گذريل 6 مهينا مون اسلامي تاريخ ۽ اسلامي قانون جي مطالعہ ۾ صرف ڪيا آهن. مان ان نتيجي تــي پهتو آهيان، تہ 'هندو مسلم اتحاد' بلڪل ناممڪن چيز ۽ ناقابل عمل مسئلو آهي. اهي مسلمان رهنما، جي عدم تشدد جي تحريڪ ۾ شامل آهن، اگر انهن جي خلوص نيت کي تسليم ڪيو وڃي، تہ پوءِ بہ منهنجي خيال ۾ انهن جو مذهب، ان رستي ۾ وڏي رڪاوٽ ثابت ٿيندو. اوهان کي ياد هوندو، تہ حڪيم اجمل خان ۽ ڊاڪٽر ڪچلو سان ڪلڪتي ۾ ڪيل گفتگو جي ڳالهہ مون اوهان سان روبرو ڪئي هئي. هندوستان ۾ حڪيم صاحب کان وڌيڪ نرم ۽ سمجهدار انسان مسلمانن ۾ مون ڪي ڪونہ سمجهي. ليڪن سوال هي آهي تہ ڇا حڪيم صاحب يا ڪو ٻيو مسلمان ليڊر

قرآن جي تعليم کي رد ڪري سگهي ٿو ڇا؟ خدا
ڪري، اسلامي قانون جي مطالع کان پوءِ مان جنهن
نتيجي تي پهتو آهيان، سو غلط هجي، جو تم منهنجي
دل جي اضطراب کي دور ڪرڻ واري ان کان وڌيڪ
ٻي ڪابہ عمدي ڳالهہ نہ ٿيندي، پر جي منهنجي
ڳالهہ درست آهي تہ پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيندو
تہ اسان انگريز جي مقابلي ۾ متحد ٿي سگهنداسون.
ليڪن برطانوي طرز حڪومت جي مطابق، هندوستان
۾ نظام حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ اهڙو اتحاد ناممڪن
نظر ٿو اچي. مسلمان ڪڏهن بہ ان تي اتفاق نہ
ڪندا. مان هند جي 8 ڪروڙ مسلمانن کان ڊڄان
نہ ٿو، ليڪن انهن سان گڏ، افغانستان، وچ ايشيا،
عرب، عراق ۽ ترڪيءَ جي هٿيار بند فوجن سان تہ
اصل نہ پڄي سگهنداسون."

(لجپتراءِ، سي. آر. داس جي نالي خط)

اهو آهي 'قرآن' ۽ اسلامي قانون جي مطالعه جو
نتيجو، جو لجپتراءِ جهڙي باشعور ليڊر پيش ڪيو آهي. ان
طرح آل انڊيا مهاسڀا جي صدر ڀائي پرمانند جو چوڻ آهي:

"اوهان سرڪاري مهربانيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ
جدوجهد ڪريو ۽ سرڪاري عهدن کي هٿن ۾ آڻڻ
لاءِ ڪوشش ڪريو، ۽ سرڪار مان ملي سڀ کان
اول 'مسلمان' کي ڪمزور ڪريو، ۽ هندن جي
طاقت کي وڌايو. ان کان پوءِ 'سوراج' جي ڳالهہ
ڪرڻ گهرجي."

(هندو سنگهٺن ۽ آريہ سماج: از ڀائي پرمانند ص 180)

ان طرح سر والٽر لارينس هڪ ڪتاب 'هندوستان' لکيو آهي، جنهن جا اقتباس، نواب سر ذوالفقار علي ۽ ڊاڪٽر سهروردي ءَ، مرڪزي سائمن ڪميٽيءَ جي اختلافي نوٽن ۾ استعمال ڪيا هئا. هڪ اقتباس هن طرح آهي:

لارڊ ڪرزن جي دعوت ۾، جوڌپور جي راجا جو ڀاءُ پرتاب به شملي ۾ شريڪ ٿيو. ان مان رات جو 2 بجي تائين ڳالهيون ٿينديون رهيون:

”سر پرتاب چيو ته منهنجو مقصد اهو آهي ته مسلمانن کي هندوستان ۾ فنا ڪري ڇڏيان. مون سندس ان تعصب جي مذمت ڪئي، ۽ انهن مسلمانن دوستن جو ذڪر ڪيو، جن سان سندس ۽ منهنجي دوستي هئي. ان تي چيائين، بيشڪ مان به ان کي پسند ڪريان ٿو، پر ان سان گڏ اهو به چاهيان ٿو ته اهي شال مري وڃن! بس دنيا ۾ منهنجو صرف هڪ مقصد آهي، سڀ کان اول، بادشاه سلامت جي دشمنن جي خلاف، فوج جي قيادت ڪندي مري وڃان ۽ ٻيو هندوستان مان مسلمانن کي ڪڍي ختم ڪري ڇڏيان.“

'هندو ذهنيت' جي ان اشتعال انگيز دور ۾، مسلمانن جي حقن ۽ مطالبن متعلق جا غلط فهمي پيدا ڪئي وئي، تنهن جا اڳتي هلي نتيجا خراب نڪتا. ان سلسلي ۾، هندن جي وڏي سياسي ليڊر ۽ ودوان، پنڊت گنگادر 'تلڪ' مهاراج، جو مهاراشٽر جو 'برهمن' هو، تنهن متعلق سندس سوانح نگار لکيو آهي ته:

”جڏهن سندس مرڻ جي گهڙي قريب آئي، تڏهن هڪ دوست کي چيائين ته منهنجو هي پيغام مهاتما گانڌيءَ کي پهچايو وڃي ته هو مون وانگر

همیشه ان ڳالهہ جو خيال رکي ته، جئن به ٿـي سگهي، هندوستان جون سڀ جائدادون ۽ ملڪيتون 'هندن' جي قبضي ۾ اچي وڃن. باقي وڃـي هڪ 'حڪومت' جو مسئلو بچندو، جنهن کي حل ڪرڻ بلڪل آسان ٿيندو. سڀ کان مقدم چيز اها آهي، ته جائداد ۽ ملڪيت هندو قوم جي قبضي اچي."

(هندو واج کي منصوبي: از افضل حسين)

هي آهي تلڪ مهاراج جو اپديش، جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ برهمنزم جا ارادا بي نقاب ٿي وڃن ٿا. خدا رحمت ڪري سر سيد احمد تي، جنهن جي حقيقت شناس نگاهہ برهمنزم جـي انهن غلط ارادن کي 1888ع ۾ ئي تـاڙي ورتو هـو. چنانچہ 'ميرٺ' ۾ تقرير ڪندي چيو اٿس:

"فرض ڪريو ته اڄ انگريز هندستان کي ڇڏي ٿو وڃي، ته پوءِ سوال ٿو پيدا ٿئي ته هندوستان جو حڪمران ڪير ٿيندو؟ ڇا اهو ممڪن آهي تـہ موجوده تنگ نظر ۽ ڪشمڪش واري غلط ماحول ۾ ٻئي قومون، مسلمان ۽ هندو، گڏجي هڪ تخت تي ويهي سگهندا ۽ ساري طاقت ۽ اختيار جا مالڪ ٿي سگهندا.

(ميرٺ جي تقرير: از سر سيد احمد 1888ع)

## مسلمانن لاءِ ذهني رد عمل

اصل ۾ ڳالهہ اها آهي ته بر صغير هندو پاڪ ۾ 'هندو مسلم اتحاد' جون سڀ ڪوششون ان ڪري نـاڪام ٿيون، ڇالاءِ تہ هندو ذهنيت رکندڙ برهمن ليڊر 'ڪثرت' جي بنياد کان علاوهہ، پنهنجي ادمبر، تقدس، اوچ نسل هجڻ جي زعم

۾ اچي ڪري، 'مسلمانن' کي هڪ ڏينهن لاءِ به هٿ وهڻ جي حق ۾ نه هوا هو، هميشه، مسلمانن جي خاتمي لاءِ پيا واجهائيندا هئا.

ڪن ساده لوح مسلمان ليڊرن، هندو مسلم اتحاد ۽ 'هوم رول' جي سلسلي ۾ گهڻيون ئي قربانيون ڏنيون، پر سچ پچ، 'هندو' مسلمان کي ڪڏهن به قبول ڪرڻ لاءِ دل سان تيار نه ٿيو. اسان وٽ وڏا وڏا ديش ڀڳت ۽ گانڌي ڀڳت اهڙا به ٿيا آهن، جن جي شيرين زباني جي کهڙي ڳالهه ڪجي، پر سندن دل ۾ 'مسلمانن' جي دشمنيءَ گهر ڪري ڪري ڇڏيو هو. هو گانءِ ۽ ڪتي کي پيار ڪري سگهيا ٿي، پر هن 'مليڇ' سان منهن لڳائڻ لاءِ به تيار نه هئا. هندو ذهنيت کي سمجهڻ لاءِ تاريخ جا تاريڪ ورق پريا پيا آهن.

## جائزو:

تاريخ صاف ٿي ٻڌائي ته برهمن مت جي عروج هٿ ذات پات جون بندشون تيار ڪري، اهڙو فولادي نظام قائم ڪيو، جو ڪڏهن به ٽٽي نه ٿي سگهيو. ان 'مت' انسان ذات کي گروهن ۾ ورهائي ڇڏيو، ايتريقدر جو هزارن سالن جي گذرڻ کان پوءِ به هزارين نسل مري کپي ويا، پر هڪ گروهه جو ڪنهن ٻئي گروه سان اتحاد ۽ اتصال ٿي نه سگهيو. برهمن، کتري، وئش ۽ شودر، هر حال ۾ رهندا آيا. 'برهمنزم' خود ٻڌمت ۽ جين مت کي ختم ڪري ڇڏيو، هندوستان ۾ انهن لاءِ ڪابه جاءِ پناهه نه رهي، ڪروڙين ماڻهو قتل ڪيا ويا، باقي بچيل سلون ۽ چين ڏانهن ڀڄي ويا. ان ئي ماحول ۾ اهل اسلام آيا، مظلوم ۽ مقهور عوام، سندن استقبال ڪيو ۽ انهن جي آمد کي رحمت ڪري سمجهيائون. پر 'برهمن' ڪڏهن

ان ٿي محور تي گردش ڪندا رهيا، ۽ ڪڏهن به 'مسلمانن' کي قبول نه ڪيائون. 'مسلمان' حاڪم رهيو ته ڪوس ٻانهون ٻڌي 'پرنام' ڪندا رهيا. انهن کي پنهنجين ڏيئن جا مگ ڏيندا رهيا، ليڪن در پرده مندن بيخ ڪنيءَ لاءِ ڪم ڪندا آيا، ۽ سيني احسانن کي فراموش ڪري، کين نابود ڪرڻ لاءِ سازشون تيار ڪندا رهيا.

1857ع کان پوءِ، جڏهن انگريز جا قدم پختا ٿيا، ۽ مسلمان معذور ۽ محتاج بنجي ويا، تڏهن 'برهمن' به پر ڪولڻ شروع ڪيا. نئين آيل جو استقبال ڪيائون ۽ ويندڙ کي الوداع!

سڀ کان اول بنگال جي مسلمانن کي، اتي جي راجائن، انگريز سان ملي، تباهه ڪيو. زميندارن ۽ هارين جي ملڪيتن کي لٽيائون، مسلمانن کي گهرن مان لوڏي ڪڍيائون. انهن جي گوٺن کي ساڙيائون ۽ کين بي دريغ قتل ڪيائون.

# فسادن جو آغاز

1857ع جي جدوجهد جي ناڪاميابيءَ کان پوءِ مسلمانن جي خلاف فسادن جو سلسلو شروع ٿيو. چوڌري خليق الزمان پنهنجي ڪتاب (1) ۾ لکي ٿو:

”انگريز جي عملداريءَ ۾ سڀ کان پهريون فساد 1804ع ۾، بنارس ۾ ٿيو. ليڪن 1839ع ۾ گنپتي جي جلوس جي آڙ ۾، هندن، جي فساد ڪرايا، تن پوري ملڪ ۾ هندو مسلم فسادن جي باهه ڀڙڪائي ڇڏي. اهي فساد، عام طرح سان، انهن هندن ڪيا، جتي ’مسلمان‘ ٿورائيءَ ۾ هئا. ’يو. پي‘ جي اوير واري علائقي ۾، جنهن ۾ مسلمانن جي آبادي 4 کان 7 في صدي هئي، اتي فسادن ۾ ڪثرت پيدا ٿي. باقي جتي مسلم آبادي 20 في صدي هئي، اتي فساد گهٽ ٿيا. مطلب اهو ته فسادن جي ابتدا هميشه ڪثرت وارن کان ٿيندي هئي.“

## گنپتي جلوس

گنپتي جلوس، جنهن کان فسادن جو آغاز ٿيو، ان جو ڪرتا ڌرتا، لوڪ مانيه تلڪ مهاراج هو. ’هندو راج ڪي منصوبي‘

---

(1) Pathway to Pakistan

جو مصنف فضل حسين خان، ان جلوس ۽ فساد کي هن طرح سان بيان ڪيو آهي:

”رولٽ ڪميٽيءَ جي رپورٽ جو آغاز ٿي هنن لفظن سان ڪيو ويو آهي، ته مغربي هندوستان ۾، فسادن جي تحريڪ جا آثار، ابتداء ۾ ٻن ساليانه ميلن ۾ رونما ٿيا، جن مان هڪ هندو ديوتا گنپتي جي اعزاز ۾ منعقد ٿيو ۽ ٻيو مرهٽي باغيءَ ’شيواجيءَ جي اعزاز ۾ ٿيو، جنهن دکن جي هندن کي، مسلمان حڪمرانن خلاف ڀڙڪايو هو. ’گنپتي‘ جي ميلي جي ابتدا 1893ع وارن بمبئيءَ جي فسادن سان گڏ ڪئي وئي. ڪن مفسد پرداز هندن، ’مسلمانن‘ کي زير بار ڪرڻ لاءِ، اها صلاح ڪئي ته جئن مسلمان محرم ۾ امام حسين عليہ السلام جي مقبري جا تعزيه ڪڍي پوءِ درياءَ ۾ ٺڪا ڪن ٿا، تئن ’گنپتي ديوتا‘ جا بہ ان طرح سان جلوس ڪڍجن ۽ مسلمانن سان بهانو ڪري فساد ڪجن. جو ته ان کان اڳ، سرڪاري طرح سان، مسجدن جي اڳيان بينڊ باجن وارن جلوسن ڪڍڻ جي منع ٿي چڪي هئي. ان کان بچڻ لاءِ، 1804ع ۾، هندن جي ان معمولي پوڄا ۽ پاٺ کي، عالمگير نمائش بڻائڻ لاءِ، انتظام ڪيو ۽ ان ميلي جي اهڙي جڳهه مقرر ڪيائون، جتي هندو عوام سولائيءَ سان پهچي ٿي سگهيو. ان سان گڏ جلوس ۾ تلوار بازيءَ کي ڏرمي رسم ڏئي، جاري ڪيائون. نيٺ ميلو ٿيو. ان ۾ تلوار بازيءَ سان گڏ، اهڙا اشعار جلوس ۾ پڙهيا ويا، جن ۾ مسلمانن جي خلاف دل آزار حملا هئا. ان موقعي تي اهڙا اشتهار بہ ورهايا ويا، جن ۾ هندن ۽ مرهٽن

کي ترغيب ڏني ويئي هئي تہ هو 'مسلمانن' کي مارين ۽ تباهہ ڪن. چوڻ شروع ڪيائون: دشمن ۽ دئيتن جا خنجر اسان جي سيني ۾ ٿنبيل آهن. هندو جاتيءَ کي گهرجي، تہ انهن کي ڪيڏي ڇڏن. قدرتاً ان سيلي ۾ اشتعال پيدا ٿيو، جلوس نڪتو، جنهن مسجد جي پرسان لنگهندي، نعره بازي شروع ڪئي، مسلمانن کي ماريو ۽ مسجد کي باهہ لڳايائون. ان کان پوءِ، گنپتي جلوس جي آڙ ۾ پوري ملڪ ۾ فساد ڪيا ويا."

## فسادن جو سلسلو

ان مان معلوم ٿيو تہ 'فساد' گنپتي جلوس کان شروع ٿيا، پر آر. سي. موجمدار صاحب، پنهنجي ڪتاب، "History of the freedom movement in India" ۾ هندو مسلم فسادات جي سلسلي ۾، ٻڌايو آهي تہ فساد ان کان بہ اڳ شروع ٿيا هئا.

سندس چوڻ جي مطابق *19* صديءَ جي اوائل ۾ بنارس ۾ هڪ زبردست فساد ٿيو.

1809ع ۾ فساد انگيز هندن، اورنگزيب جي شاهي مسجد تي حملو ڪيو ۽ نمازين کي قتل ڪيو، ان کان پوءِ ساري شهر ۾ مسلمان قتل ڪيا ويا، پنجاهہ کن مسجدون ساڙيون ويون ۽ بي شمار مسلمانن جا لاش ساڙيا ويا.

*1877*ع ۾ نواب جنجيره جي رياست ۾ فساد ڪرائي، هزارين مسلمان قتل ڪيا ويا.

1885 ۽ 1893ع جي درميان، فسادن جي انداز ۾ اضافو ٿيو.

1885ع ۾ لاهور ۾ فساد ٿيو، جنهن ۾ بازارن ۾ مسلمان ماريا ويا.

1886ع ۾ دهليءَ ۾ فساد ٿيو. اتي به قتل و غارت جي بازار گرم رهي.

1889ع ۾ هوشيارپور، لڌيانه ۽ انباله ۽ ديري غازي خان ۾ فساد ٿيا جن ۾ هزارين مسلمان ماريا ويا ۽ مسجدون ساڙيون ويون.

1893ع ۾ يو-پيءَ جي اعظم ڳڙه ۾ فساد ٿيو.

1894ع ۾ بمبئيءَ ۾ زبردست جلوس ڪڍي، مسلمانن کي تلوارن سان ماريو ويو. اهي فساد ڇهن ڏينهن تائين هلندا رهيا.

1894ع ۾ عيسيٰ خيل (ضلع ميانوالي) ۾ فساد ٿيو.

1894ع ۾ بهار ۾ وڏو فساد ٿيو، جنهن ۾ هزارين مسلمان ماريا ويا.

1897ع ۾ ڪلڪتي ۾ فساد ٿيا، جن ۾ مسلمانن جا لاش، شهر جي رستن تي، جانور پٽيندا رهيا.

30 سيپٽمبر 1917ع کي پندرنهن هزارن هندن، ڳوٺ ابراهيم پور کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو. ان ڪري پرسان وارن ننڍن ڳوٺن ۾ دست بدست جنگ ٿيندي رهي.

2- آڪٽوبر 1917ع تي اهڙو فساد ٿيو، جو ست ڏينهن مسلمانن کي هندو ماريندا رهيا. ان فساد ۾، هندن جي قيادت، هندو زميندارن، هاٿين ۽ گهوڙن تي سوار ٿي ڪئي، انهن فسادن ۾، ضلع 'گيا' ۾ ٽيهه ڳوٺ جلايا ويا. هڪ هزار مسلمانن کي ڊفينس آف انڊيا ايڪٽ ۾ سزائون ڏياريون ويون.

1918ع ۾ هردوار کان 6 ميل پري، ڪٺارپور ۾ فساد ٿيو، ۽ مسلمانن جا گهر جلايا ويا ۽ 300 مسلمان قتل ڪيا ويا ۽ 600 مسلمان زخمي ڪيا ويا، جن ۾ عورتون پڻ هيون.

هي آهن. آر. سي. موجمدار جا پيش ڪيل انگ اکر!

—'جام جم' ۾ مرحوم 'بلبل' ان موضوع تي، تفصيل سان انگ اکر پيش ڪيا آهن، جي مٿين فسادن کان علاوه آهن، جي غور سان پڙهڻ گهرجن.

## سنگهٽن

شرڌا نند جي شڌي تحريڪ سان گڏ، ٻئي برهمن پنڊت مدن موهن مالويه، وري 'سنگهٽن' تحريڪ شروع ڪئي. مولانا عبدالمجيد 'سالڪ' پنهنجي ڪتاب "اپني سرگذشت" ۾ لکي ٿو:

"ترڪ موالات جي دوميان، ملبار ڪناري تي موپلن جي انگريز سان ڪشمڪش ٿي. خلافت تحريڪ جي ڪري، ان کي اسلامي بغاوت جو رنگ ڏنو ويو. ان وچ ۾ ملتان ۽ ڪوهاٽ ۾ هندو مسلم فساد ٿيا. پنڊت مدن موهن مالويه، ڪافي وقت کان، موقعي جي تلاش ۾ هو. سندس چوڻ هو ته "تحريڪ خلافت جي قربانين جي ڪري امڪان آهي ته مسلمان، پوري ملڪ جي سياست تي ڇانئجي وڃن. ڇا لاءِ ته مسلمان عزم ۽ حوصلي سان ڪم ڪري رهيا آهن."

سندس چوڻ هو ته گانڌيءَ جي عدم تشدد جي تحريڪ هندن کي ڪمزور ڪري رهي آهي. ان ڪري هندن کي ان تحريڪ کان پري رهڻ گهرجي.

مدن موهن مالويه، اها آڙ وٺي، پنهنجن چيلن کي گڏ ڪري، "آل انڊيا هندو مهاسڀا" کي دوباره زنده ڪيو، جا تحريڪ اڳ ڪمزور ٿي چڪي هئي. هن 'سنگهٽن' تحريڪ لاءِ، پوري ملڪ ۾ دورا شروع ڪيا. دهلي ۽ آگره به اچي، شرڌا نند سان گڏجي، ٽيهه هزار ملڪاڻه راجپوت 'شڌ' ڪيائين. سندس مدد ۾ 'آريه سماج' اٿي کڙي ٿي. هندن کي چيو ويو ته هو مسلمانن جي مقابلي ۾ ڪمربسته ٿي وڃن ۽ سڀ 'سنگهٽن' ۾ اچن. ان سلسلي ۾ ورزش گهر کوليا ويا، جن ۾ هٿيارن هلائڻ جي تعليم سان گڏ، ورزش

جي تعليم بہ ڏني ويئي. هڪ هندو پنجابي شاعر هن طرح، تلقين ڪئي آهي:

اٿهہ نی بهابهي، اٿان مارا!
مسلي، آگئے وچ بزارا!

”اي ڀاڀي! اٿ ۽ اٿي سرون وساءِ، ڇو تہ مسلمان وچ بازار ۾ اچي چڪا آهن.“

## شردانند جو قتل

1926ع ۾ هڪ مسلمان ڪاتب عبدالرشيد جي هٿان شردا نند قتل ٿي ويو، ۽ ان تي فسادن جو سلسلو وري شروع ٿي ويو.

4 مئي 1927ع جي رات، لاهور جي حويلي ڪابلي‌مل جي مسجد ۾، عشا جي نماز پڙهندڙ نمازين تي سکن، جي پوليس سان سبڪدوش ٿيل هئا، تن تلوارن سان حملو ڪيو، ۽ ٽي مسلمان شهيد ڪيا ويا.

ٻئي ڏينهن، جڏهن ٽي شهيدن جا جنازا ڪڍي، مسلمان لوهاري گيٽ وٽ آيا، تڏهن پرسان وارن گهرن تان جنازن تي پٿر بازي ڪري، بي حرمتي ڪئي وئي. مسلمان وڏيڪ بي حرمتيءَ جي خيال کان خاموش رهيا، پر جڏهن مسلمان قبرستان مان واپس وريا، تڏهن هندن کين روڪيو ۽ ان تي ساري شهر ۾ خنجرزنيءَ جا واقعات شروع ٿيا ۽ ٻن ٽن ڏينهن تائين، ڪشت و خون جي بازار گرم رهي، جنهن ۾ 2 سو مسلمان ماريا ويا ۽ 300 کان وڌيڪ زخمي ٿيا ۽ سوين مسلمان گرفتار ڪيا ويا.

فبروري 1929ع تي بمبئيءَ ۾ افواهہ اٿاريا ويا تہ پٺاڻ چوڪيدار ٻارن کي ڪٺي ٿا وڃن. ان تي شهر جي پٺاڻن تي

حملا ڪري ڪين ماريو ويو. ان تي ڪن هندن تي پٺاڻ مشتعل ٿي، مقابلي ۾ آيا ۽ 2 هندو ماريائون.

9 اپريل 1929ع تي، غازي علم الدين نالي هڪ غيور شخص، مشهور متعصب آريه راجپال کي ماريو، ان تي علم الدين کي ڦاسي ڏني ويئي. سندس جنازي ۾ لک کان مٿي مسلمان شريڪ ٿيا، جلوس جي هلندي ڪيترن هندن مٿان چٽرون ڪيون، پر مسلمان پنهنجن رهنمائن جي چوڻ تي خاموش رهيا، ورنه ان ڏينهن تي لاهور ۾ رت جون نديون اٿلي هلن ها!

1930ع ۽ 1932ع ۾، ڪشمير ۽ سرحد ۾ مسلمانن تي جبر ۽ تشدد کان ڪم ورتو ويو، سندن گهر جلايا ويا ۽ مال لٽيو ويو ۽ هزارين مسلمان قتل ڪيا ويا.

رياست الور جي هندو راجا پنهنجي رياست ۾ سوين مسلمان پوليس هٿان مارايا.

4 جنوري 1931ع تي مولانا محمد علي لنڊن ۾ انتقال فرمايو. ان تي ڪانپور جي مسلمانن هڙتال ڪئي، ليڪن هندو واپارين ساٿن ساٿ نه ڏنو.

23 مارچ تي، جڏهن ڀڳت سنگ کي ڦاسي ملي، تڏهن هندن جلوس ڪڍيو ۽ مسلمانن کان هڙتال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. نتيجو اهو ٿيو جو زبردست فساد ٿيو، ۽ پنج سو مسلمان ماريا ويا ۽ گولين جو شڪار ٿيا.

1944ع ۾ رياست ڪپورٿله جي هڪ ڳوٺ سلطان پور جي مسلمانن هڪ جلوس ڪڍيو. غير مسلمان آفيسرن پنهنجي فرقه وارانه ذهنيت جي مظاهري ڪندي، پوليس کي گولي هلائڻ جو حڪم ڏنو. ان ۾ 22 مسلمان شهيد ٿيا ۽ بي شمار زخمي ٿيا ۽ پنجاب ۾ شور مچي ويو.

1935ع ۾ جيپور رياست جي مسلمانن کي، ڪنهن سبب

سر سيد احمد جي زماني ۾ شروع ٿي چڪي هئي ۽ ان سان گڏ آئيني اصلاحات جو سلسلو به جاري هو، جنهن ڪري، رفته رفته مسلمانن جي الڳ حيثيت متعين ٿيندي رهي، مسلمانن جي الڳ حيثيت جي متعين جو سلسلو ان ميموريڊم کان شروع ٿئي ٿو، جو 1- آڪٽوبر 1906ع تي، مسلمانن جي هڪ وفد سرآغا خان مرحوم جي قيادت ۾، وائسراء هند لارڊ منٽو کي پيش ڪيو.

1909ع ۾ منٽو مارلي سڌارن، مسلمانن جي آئيني جدوجهد جي لاءِ چڱا موقعا پيدا ڪيا.

1919ع ۾ مانٽيگو چيلمسفورڊ اصلاحات ۾، مسلمانن جي جداگانه نيابت جو اصول تسليم ڪيو ويو.

اڳتي هلي 1948ع ۾، قائد اعظم، هندو مسلم اتحاد ۽ اتفاق لاءِ 'چوڏهن نڪات' پيش ڪيا. قائد اعظم جي ان بصيرت افروز قدم سان مسلمانن جي جداگانه حيثيت لاءِ راه هموار ٿي .

1935 ۾ گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ جي تحت صوبائي خودمختياري جو نفاذ ٿيو. جتي مسلمانن جي اڪثريت هئي، اتي کين مڪمل سياسي اقتدار حاصل رهيو ، جو اڳتي هلي 'پاڪستان' جي حصول تائين پهتو.

پيو تڏهن جڏهن 1934ع ۾ قائد اعظم، مسلم ليگ جو مستقل صدر بڻايو ويو ، تڏهن سندس جدوجهد ۽ بيباڪ ترجمانيءَ سان، ليگ ۾ از سر نو، زندگي بخش انقلاب پيدا ٿيو.

1- اپريل 1937ع ۾ نئون 'قانون هند' نافذ ٿيو ۽ 36-1937ع ۾ انتخابات ڪرايا ويا. ڪانگريس کي مدراس، يوپي، بمبئي، سي-پي، بهار، اوڙيسا ۽ سرحد، ستن صوبن ۾ اڪثريت حاصل ٿي۽ پنجاب، سنڌ، بنگال ۽ آسام ۾ مسلمانن کي ڪاميابي نصيب ٿي . ڪانگريس انهن ستن ئي صوبن ۾ ڪانگريس وزارتون ٺاهيون.

## ڪانگريس وزارتون

ڪانگريس وزارتن جي دور ۾، مسلمانن جي خلاف جي ظلم ۽ تشدد آميز ڪارگذاريون ٿيون، سي برصغير جي تاريخ جو هڪ تاريڪ باب آهن. جا بجا فسادات ٿيا، پر ڪانگريس ان کي فرضي روايات چئي دنيا کي فريب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

آخرڪار مسلم ليگ، 10 مارچ 1938ع تي، هڪ ڪميٽي زير صدارت راجه سيد محمد مهدي آف پير پور مقرر ڪئي، جنهن جي سپرد اهو ڪم سونپيو ويو ته هو انهن واقعن جي تحقيق ڪري، جي واقعا ڪانگريس وزارتن جي دور ۾ رونما ٿيا آهن.

ان ڪميٽيءَ جي صحيح رپورٽ ”پير پور رپورٽ“ جي نالي سان شايع ٿي. جنهن نئي هي تاريخي دستاويز شايع ٿيو، تنهن ڪانگريس جي ايوان ۾ ڇڻ زلزلو اچي ويو. ان رپورٽ جو هڪ اقتباس ڏجي ٿو:

”ڪانگريس سٽن صوبن ۾ رام راڄ قائم ڪيو. اعلان ڪيائون تہ سوراج ملي ويو! هندو ئي سرڪاري حاڪم آهن. هر هنڌ عيد ۽ محرم تي ڏاڍا ظلم لڳايو ويو، پر دسهڙي، ڏياري ۽ هوليءَ ۽ ٻين هندن جي ڏڻن کي ڏاڍا ڪان آزاد رکيو ويو. مسلمانن کي ڳاءِ ڪشيءَ کان جبراً روڪيو ويو، ان متعلق اهڙو انتظام ڪيو ويو، جنهن ڪو شخص، مسلمان کي ڳئون وڪڻي نہ سگهي. مدراس ۽ ٻين صوبن ۾، قانوني طرح سان ’قربانيءَ‘ جي خلاف بل پيش ڪيو ويو، پر مسلمانن جي احتجاج جي ڪري، ڪٿي بہ پاس ٿي نہ سگهيو. قرآن شريف جلايا ويا، مسجدن ۾ خنزير جو گوشت اڇلايو ويو. ڪن هندن تہ مسلمانن کي سوئر جي گوشت کارائڻ ۽ پيشاب پيارڻ

هندوستان ۾ ڀھربون غير مسلمان ـ ’مسلمان‘ ٿيو ھو.
ھيءَ ان دور جي ڳالھہ آھي، جڏھن ھت اڃا مسلمانن
جي حڪومت ٿي قائم نہ ھئي.“

قائد اعظم جي ان مختصر فقري ۾ جنھن بنيادي اصول
جي وضاحت ڪئي وئي آھي، ان ۾ ٻڌايو ويو آھي تہ جڏھن
ڪو ’غير مسلم‘ ’اسلام‘ کي قبول ٿو ڪري، تڏھن ھو ڪفر
جي دائري مان نڪري، امت مسلمہ جي دائري ۾ داخل ٿو
ٿئي. سندس اصول حيات، قوميت، تھذيب ۽ تمدن ۾ فرق ٿو
پيدا ٿئي، ان ڪري جنھن پھرئين غير مسلمان شخص، ھت سڀ
کان اول اسلام قبول ڪيو ھو، سو ھندو قوم جو فرد نہ
رھيو، پر نئين دائري ۾ آيو، جنھن جو مطلب اھو ھو تہ
ھندوستان ۾ ھڪ نئين قوميت جنم ورتو آھي، جنھن جي تصور
حيات ھندن کان جداگانہ آھي.

پشاور ۾ 27 نومبر 1945ع تي قائد اعظم مزيد وضاحت
ڪندي فرمايو:

”اسان ٻنھي قومن ۾، صرف مذھب جو فرق ناھي؛
اسان جو ڪلچر، ھڪ ٻئي کان جدا آھي؛ اسان جو
دين، اسان کي ھڪ جداگانہ قانون حيات ٿو ڏئي،
جو زندگيءَ جي ھر شعبي ۾ اسان جي رھنمائيءَ لاءِ
ڪافي آھي. اسان ان نصب العين تي زندگي بسر
ڪرڻ گھرون ٿا.“

(27 نومبر 1945ع، ايڊورڊز ڪاليج پشاور)

ان طرح جون 1945ع ۾، فرنٽيئر مسلم اسٽوڊنٽس جي
نالي پنھنجي پيغام ۾ چيائين:

”پاڪستان مان اسان جو مطلب اھو ناھي تہ اسان
غير ملڪي حڪومت کان آزادي ٿا گھرون، پر ان

مان اها مراد آهي ته اسان جو 'اسلامي نظريه حيات' زنده رهي، جنهن جي حفاظت ضروري آهي. اسان کي وڳو پنهنجي آزادي حاصل ڪرڻي ناهي، پر انهن طرح مستعد ۽ قابل به ٿيڻو آهي، جئن اسان ان جي حفاظت به ڪري سگهون ۽ اسلامي تصورات ۽ اصولن تي زندگي به گذاري سگهون."

قائد اعظم جي مٿين تقريرن ۾ پاڪستان جو مقصد واضح طور ٻڌايو ويو آهي، باوجود ان جي، جواهر لال نهرو اعلان ڪيو ته:

"هندوستان ۾ فقط ٻه قومون آهن، هڪ انگريز ٻي ڪانگريس!"

جنهن جي جواب ۾ قائد اعظم للڪاريو ته "بيشڪ! ٽين قوت به آهي، جا آهي مسلمان!" جا اڳتي هلي ثابت ٿي.

1946ع ۾، برطانيه مان هڪ وزارتي مشن آئي، جنهن هندو مسلم مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ، مختلف سياسي جماعتن ۽ رهنمائن سان گفتگو ڪئي. جڏهن ته انهن جي واين ۽ فيصلن ۾، مسلمانن جي مطالبن جي تڪميل جو ڪوبه عنصر نه هو، تنهن ڪري مسلمانن ان کي رد ڪري ڇڏيو. ان جي رد عمل طور بمبئيءَ ۾ مسلم ڪائونسل 'راست اقدام' جو اعلان ڪيو. 'راست اقدام' جو اعلان ٻڌي، ڪانگريس ڪن ڪٽا ڪيا، ۽ مسلمانن سان لڙڻ لاءِ تياري ڪئي.

چنانچه 16- آگسٽ 1946ع تي ڪلڪتي ۾ هولناڪ فساد ڪيو ويو، جنهن ۾ هزارين مسلمان هلاڪ ٿيا، ان کان پوءِ بمبئي، ڳڙه مڪتيشر، ڪوهٽا ۽ الهه آباد ۾ فساد ٿيا. نواکلي ۽ بهار ۾ جي خونريز واقعا ٿيا، ان کان ڪوبه نا آشنا ناهي، هزارين مسلمان ماريا ويا، ڪروڙن جي جائداد ساڙي وئي،

خود هندن جا ڪنڌ به انهن واقعن کان جهڪي ويا. قائداعظم اعلان ڪيو ته: ”پاڪستان هاڻي مسلمانن لاءِ زندگيءَ جو هڪ لازمي شرط بڻجي چڪو آهي، ان کي دنيا جي ڪابه طاقت ٽاري نه ٿي سگهي!“

## جائزو ۽ احتساب

’جام جم‘ ۾ بلبل مرحوم، سر عبدالرحيم، مرڪزي اسيمبليءَ جي صدر جي تقرير ڏانهن پڻ اشارو ڪيو آهي، پر تقرير جا ڪي به اقتباس نه ڏنا آهن. مناسب آهي ته ان تقرير جو هڪ اقتباس پيش ڪجي. سر عبدالرحيم فرمايو آهي:

”مان اوهان جو توجه، شڌي ۽ مهاسڀا ۽ سنگهٺن تحريڪن ڏانهن ڇڪائڻ گهران ٿو. پهرينءَ جو مقصد آهي مسلمانن کي هندو بڻائڻ، ۽ ٻيءَ جي مدعا آهي مسلمانن سان لڙڻ لاءِ تيار ڪرڻ. مسلمان، لڇپراءِ ۽ شرڌا نند ۽ مهاسڀا جي ان قسم جي تحريڪن کي پاڻ لاءِ چئلينج تصور ٿا ڪن. هندن جو اهو قدم عيسائي جهاد کان وڌيڪ خطرناڪ آهي، جو صديون اڳ فلسطين ۾ برپا ٿيو هو. اهو ڪو مذهبي چئلينج ناهي، پر مسلمانن لاءِ وڏو خطرو آهي ان جي جواب ۾ مسلمانن پاران دفاعي تنظيم ٿي آهي. اهو سچ آهي ته تاريخ ۾ هن کان اڳ، ايتري ڪشيدگي پيدا نه ٿي هئي، جهڙي اڄ آهي. هندو ليڊر صاف صاف چون ٿا ته مسلمان هندوستان مان نڪري وڃن، جئن اسپين مان خارج ڪيا ويا هئا. يا شڌ ٿي هندو بڻجي وڃن ۽ هندن سياسي خيال سان هم نوائي پيدا ڪن. ان حالت ۾ ايراني قول ’دشمن نه توان

حقير و بيچاره شمرد' کي ياد ڪرڻ گهرجي. هندو اسان کان بهتر حالت ۾ آهن، خود انگريز به سندن زهر افشانيءَ کان مرعوب ۽ خائف آهن. هي هڪ اهڙو مهلڪ اوزار آهي، جنهن جنگ عظيم ۾ تباهي آندي. اها روش يورپين قوميت جي برڪتن ۾ شمار ڪئي وڃي ٿي. هي مسڪين ۽ معصوم صورت حضرات برابر ڪم ۾ مشغول آهن، انهن جي هڪ جماعت، خود اسلام ۽ اسلامي تعليمات تي به حملي ڪرڻ ۾ يد طوليٰ رکي ٿي ۽ ٻي جماعت تاريخ کي مسخ ڪري رهي آهي. اها ثابت ڪرڻ گهري ٿي ته هندوستان کي 'اسلام' مان ڪو به فائدو نه پهتو آهي! مسلم قوم بيڪار قوم آهي، اها اڇوتن ۽ شودرن کان به ڪريل آهي، هو اسان جي بزرگن جي تذليل کان به نه ٿا مڙن، سواءِ چند مسلمانن جي، جي سندن هم خيال ۽ هم نوا آهن. انهن ڳالهين جو لازمي نتيجو آهي، فساد ۽ خونريزي. اهي حضرات خوش ٿا ٿين جڏهن ڪو غيور مسلمان، غصي مان، ڪنهن 'شاتم' (گارين ڏيندڙ) کي قتل ٿو ڪري، ان لاءِ ته ڪين عام مسلمانن کان بدلي چڪائڻ جو زرين موقعو ٿو ملي، هو مسلمان جي مذهبي ديوانگيءَ ۽ جوش و خروش کي بدنام ڪرڻ لاءِ، اهڙن ڪمن کي بهانو ٿو بنائي اهڙن ڪمن مان هندن ڪهڙي سرخ-روئي حاصل ڪئي آهي؟ انهن پنهنجي جارحانه عمل مان صاف ظاهر ڪيو آهي ته 'مسلمان' ڪڏهن به ڪين پنهنجي قسمت حوالي نه ڪندا. چنانچه مسلمانن کي پنهنجي مدافعت ۽ تحفظ لاءِ هر ممڪن تدبير بنائڻ گهرجي. اسان مسلمانن کي، انهن مدبرن مان، جي هندو آهن،

صاف صاف ٻڌائڻ گهرجي ته سنڌن اها دعويٰ تہ هندوستان رڳو هندن جي ملڪيت آهي، سراسر باطل ۽ بي بنياد آهي.“

-”آزاد قوم کي تعمير اور پاڪستان“ از ڈاکٹر ناموس (ص 187-188)

# دليل جي آخري ضرب

جام جم عرف پاڪستان ڏانهن پهريون قدم ۾ آيل بحث جي تائيد ۾، جو تفصيل سان، برصغير هند و پاڪ جي سياسي پس منظر جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهو اميد ته ڪافي ٿيندو. آخر ۾ قائد اعظم جي ان تقرير جو اقتباس ڏيون ٿا، جا تقرير آل انڊيا مسلم ليگ جي ساليانه اجلاس، دهليءَ ۾ 24- اپريل 1943ع ۾ ڪئي وئي، جنهن تقرير کي، هڪ فيصله ڪن خطاب ۽ دليل جي آخري ضرب قرار ڏنو ويو آهي، جنهن جو 'جام جم' جي مندرجات سان ڪافي تعلق آهي. قائد اعظم فرمايو آهي:

"سڀ کان اول ايڪٽ 1861ع ۽ ٻئي پيري ايڪٽ 1884ع جي رُوءِ سان، گورنر جنرل جي نام نهاد ڪائونسل ۾، مسلمانن کي تمام گهٽ نمايندگي ڏني وئي. نمايندگي ڏيڻ جو ڍونگ هن طرح ڪيو ويو ته چونڊيل نمايندا، امپريل ڪائونسل، مقامي ڪانسلون، ميونسپالٽين ۽ ضلع بوورڊن ۾ موڪليا ويا. ان ايڪٽ موجب يقيناً مسلمانن جو چونڊجڻ ناممڪن هو. ان کان پوءِ 1907ع ۾ منٽو مارلي سڌارا آندا ويا ۽ چونڊن جو دائرو وسيع ڪيو ويو، پر جڏهن ته مسلمانن کي 1884ع کان وٺي، 1907ع تائين، ڪافي تجربو حاصل ٿي چڪو هو، تن جدا گانه انتخاب جو مطالبو ڪيو.

اهي وڳو سياسي ۽ اقتصادي مفاد حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ناهن. اسلامي دور ۾ حڪومت ۾ هندن ۽ مسلمانن جي مشترڪ حيثيت هئي. ليڪن ان حڪومت هندن جي ثقافتي اتحاد کي تباه نہ ڪيو. اسان مسلمانن کان گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو ۽ انهن کي بہ ڪجهہ ڏنو. ليڪن خيالات ۽ ارادات جي ان تبادلي سان بہ اسان جي مخصوص ثقافت کي ڪو نقصان نہ پهتو. اسان جي مخصوص وصف ۽ ثقافت، ان چيز لاءِ روح روان آهي، جنهن کي اڄ اسان قوميت سڏيون ٿا. اها قوميت سياسي خيال ۽ نصب العين جي ترجماني نہ ٿي ڪري، بلڪ اسان جي اجتمائي زندگيءَ ۽ سرگرميءَ جي هر شعبي ۾ جاري ۽ ساري آهي. قوميت جي اسان واري تخيل ۾ دراصل سياست جو گهٽ دخل آهي. يورپ جي نام نهاد سياسي ادارن، مدد ڏيڻ جي بجاءِ، اسان جي حقيقي قومي زندگيءَ جي نشونما ۽ ارتقا ۾، رڪاوٽ وڌي آهي. عام حالتن ۾، سياسي محڪومي، ان زندگيءَ جي ٻاهرئين حصي تي بہ اثر انداز نہ ٿي ٿئي. هندوستان جي قومي تحريڪ، جا لازماً هڪ هندو تحريڪ آهي، ان جو مقصد آهي، نصب العين جي حيثيت سان، 1- هندو قوميت جي حمايت ۽ هندو راڄ، 2- فيڊرل بين الاقواميت جي حمايت، 3- عالمگير فيڊريشن جي حمايت. چندرپال ڪهڙي چيز جي حمايت ڪري رهيو آهي؟ هندوراڄ ۽ هندو قوميت جي؟ ليڪن، باوجود ان جي، دادا ڀائي نوروزجي کان حاصل ڪيل اميد جو چشمو هميشه منهنجي دل ۾ جاري رهيو. مان ان اميد کي ڇڏڻ لاءِ ڪڏهن بہ تيار نہ هوس، بلڪ

ان کي اجا بہ وڌيڪ قوي تر ڪرڻ لاءِ ڪم شروع ڪيم."

ڪانگريس جي اجلاس ڪراچي 1913ع کان پوءِ، مون پيٽي ۽ ٽيٽي طاقت سان، جدوجهد شروع ڪئي. ان کان پوءِ ڇا ٿيو؟ جن ماڻهن کي اهو واقعو ياد آهي، سي ڄاڻن ٿا تہ ان جو مقصد غلط فهميءَ جو ازالو هو، جا هر طرف ڦهلجي چڪي هئي.

مسلمانن ۽ هندن ۾ ڪيترا ماڻهو اهڙا بہ هئا، جي ان طريق ڪار کان مطمئن هئا. ان گروهہ ڏاڍي ڪوشش ڪئي. ان گروهہ ۾ 'مها پاپي' مان ئي هوس؛ مون ڏاڍي مغز ماري ڪئي تہ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا اجلاس، هڪ ئي شهر ۾ ڪرڻ گهرجن. اها ڪوشش ڪامياب ٿي. اهو 1915ع جو واقعو آهي. مون وڏي ڪوشش سان، ڪانگريس ۽ ليگ کي بمبئيءَ ۾ يڪ جا ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي.

ايندڙ اجلاس 1916ع ۾، (مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جا) لکنو ۾ ٿيا، اتي اسان هندو مسلم معاهدي تي گڏجي دستخط ڪيا. ليڪن ان معاهدي کي برطانوي پارليامينٽ، مختلف طريقن سان، مسخ ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ مانٽيگو چيلمسفورڊ سڌارا آيا.

1916ع ۽ 1917ع ۾ مطلع سياست تي، گانڌي جي نمودار ٿيو ۽ 12 مئي 1920ع تي 'ينگ انڊيا' ۾ اعلان ڪيائين:

"مون وٽ سياست نہ پر مذهب اهم آهي! سياست مذهب جي تابع آهي!"

ياد رهي، ان ئي مبارڪ مهيني ۾، ست سال اڳ، بپن چندر پال، مٿيون اعلان ڪيو هو، جو بيان ٿي چڪو

”ماڻهو اجايون سرگوشيون ڪري رهيا آهن، ته سان مارو وقت مسلمانن سان گڏ رهان ٿو، ان ڪري هندو ذهنيت کي سمجهي نه ٿو سگهان! اهين بلڪل ناهي. مان خود هندو ذهنيت رکان ٿو، ليڪن هندن جي ذهنيت کي سمجهڻ لاءِ، هندن ۾ نه ٿو رهان. اهو به سچ آهي، منهنجي رڳ رڳ هندو آهي، منهنجو هندوپڻو ڏاڍو حقير ڇڳو، جو انتهائي مخالف اثرن ۾ به قل قول ڏئي نه سگهي!“

”1925ع کان پوءِ، ’هندو مسلم‘ اتحاد لاءِ وري ڪوشش ڪئي ويئي. هر پيري اسان عرضدارن جي حيثيت سان گانڌيءَ ۽ ڪانگريس جي دروازن تي ويندا هئاسون، ۽ پنهنجون تجويزون پيش ڪندا هئاسون، پر افسوس اهو آهي، جو ڪنهن نه ڪنهن عذر ۽ بهاني کي وچ ۾ آڻي، هميشه جواب نفيءَ ۾ ملندو هو. ڪانگريس اتحاد لاءِ ڪڏهن به ڪي جوابي تجويزون نه ڏنيون. اوهان کي ياد هوندو ته اسان 1927ع جي آخر ۾، دهليءَ ۾ ڪجهه تجويزون بنايون هيون، ۽ ان مقصد لاءِ ٻه ڪميٽيون مقرر ڪيون هيون، مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي طرفان، جئن اهي متفق ٿي مشترڪ سياسي مطالبو پيش ڪري سگهن. مان اوهان کي ٻڌائڻ ٿو گهران ته اهو گانڌي ئي هو، جنهن ان قسم جي تجويز کي ناس ڪري ڇڏيو! اسان پنهنجن تجويزن کي واپس وٺڻ لاءِ مجبور ٿي وياسين.

ان کان پوءِ ”نهرو رپورٽ“ ميدان ۾ آئي، ان جي تاريخ اوهان کي معلوم آهي. مولانا محمدعلي جوهر، هڪ آزاد خيال انسان هو. ان بزرگ، ان رپورٽ متعلق جو ڪجهه چيو، سو مان اوهان کي ٻڌايان ٿو. فرمايائين:-

”ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي دور ۾، سرڪاري اعلان ڪرڻ کان اڳ، شهرن جي گهٽين ۾ ڊنڊورچي حاڪمن

جو اظهار هن ريت ڪندو هو:

”خلق خدا ڪي، ملڪ ملڪہ ڪا، حڪم ڪمپني بهادر ڪا.“

ليڪن گانڌيءَ جي موجوده نهرو رپورٽ جي ماتحت، ڊنڊورچي، هنن لفظن ۾، هندوستان جي هيٺي غلاميءَ جو اعلان ڪندا تہ:

”خلق خدا ڪي، ملڪ برطانيہ ڪا، اور حڪم مهاسڀا بهادر ڪا.“

ان طرح 1930ع ۾، بمبئيءَ جي هڪ عام جلسي ۾، مولانا محمد عليءَ فرمايو:

”گانڌي فرقہ پرست هندو مهاسڀا جي زير اهتمام ڪم ڪري رهيو آهي. هو هندوازم جي اقتدار ۽ مسلمانن کي محڪوم ڪرڻ لاءِ، وڙهي رهيو آهي. هن سول نافرماني هلائڻ لاءِ مسلمانن سان ڪوبہ مشورو نہ ڪيو. هو فاتحانہ انداز ۾ مسلمانن کي لتاڙيندي، اڳتي وڌڻ چاهي ٿو. اسان ڪنهن عهدنامي جي پيچڪڙي نہ ڪئي آهي، اسان ملڪ جا غدار ناهيون. گذريل ڏهن سالن کان هندو اڪثريت مسلمانن کي ستايو ۽ ايذايو آهي، مسلمانن تي ظلم ۽ تشدد ڪيو ويو آهي، ليڪن ايتري عرصي ۾، گانڌيءَ ڪڏهن بہ حالتن کي سڌارڻ لاءِ، دهشت پسند ظالم هندن جي مذمت نہ ڪئي آهي. ان ”شڌيءَ ۽ سنگهٺن تحريڪن لاءِ بہ ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪڍي آهي. ان مدراس جي هندو مسلم اتحاد جي معاهدي کي ٽوڙيو، هاڻي اسان لاءِ، ان قرآني حڪم تي عمل ڪرڻ کان سواءِ، ٻيو ڪوبہ چارو ڪونهي تہ-

”اگر ڪنهن جماعت جي طرف کان، دغابازي ۽ عهد شڪنيءَ جو انديشو پيدا ٿئي، تہ پوءِ ان معاهدي کي ان جي منهن تي اڇلائي وجهو!

الله دغابازن ۽ بد عهدن جي چال کي پسند نہ ٿو ڪري.“ (1)
هي آهي قائد اعظمؒ جي دليل جي ضرب، جنهن پاڪستان لاءِ راهہ هموار ڪئي.

## اقبال ۽ پاڪستان:

علامہ اقبال هڪ مفڪر جي حيثيت سان ملڪ جي سياسي حالتن کان ايترو تہ نا اميد ٿيو، جو نهايت والهانہ انداز ۾ قائد اعظمؒ کي خط ۾ لکيائين:

”هندوستان ۾، مسلمانن جي حيثيت سان، اوهان جي تنها شخصيت آهي، جنهن کان قوم اها اميد رکي ٿي تہ، اگر اولهہ يا پوري هندوستان ۾ جو سيلاب اچي رهيو آهي، ان ۾ اوهان ئي قوم جي صحيح قيادت ڪري سگهو ٿا.“

ان طرح علامہ اقبال، قائد اعظمؒ سان سياسي رفيقڪار ٿي ڪم ڪيو. هندن ۽ مسلمانن جي فلسفہ حيات جي اختلاف ۽ تضاد کان متاثر ٿي محسوس ڪيائين تہ هي ٻئي قومون، ڪڏهن بہ همراز ۽ دمساز ٿي رهي نہ سگهنديون آهن. چنانچہ 1930ع ۾ مسلم ليگ جي اجلاس، الهہ آباد، ۾ چيائين:

”مسلم ايشيا جا سڀ ملڪ مجموعي طرح سان اسلام لاءِ ايتري گران قدر متاع جي حيثيت نہ ٿا رکن، جيتري اڪيلي هندوستان جي ملت اسلاميہ. ان ڪري، هندوستان جي مسئلي کي صرف ان زاويہ نگاهہ سان ڏسڻ گهرجي تہ هندوستان ۾ ’اسلام‘ جو حشر ڇا

(1) مرتب جميل الدين،
شيخ محمد اشرف، لاهور 1952ع جلد اول ص 525-529.
اقبال اور تحريڪ پاڪستان ـ اقبال رويو جنوري 1967 ص114-119.
“Speeches and writings of Mr: jinah”

سندرلال جي هڪ تقرير جون 1966ع ۾ شايع ٿي آهي، جنهن ۾ چيو اٿس:

"منهنجي هڪ پراڻي ساٿيءَ، لالہ لجپرام، هندو مسلم جهڳڙي کي ختم ڪرڻ لاءِ سڀ کان اول اها تجويز پيش ڪئي هئي تہ مسلم اڪثريت جو علائقو الڳ ڪيو وڃي."

ان کان سواءِ قائد اعظم متعلق چيو اٿس:

"قائد اعظم ملڪ جي تقسيم جي بلڪل خلاف هو، ان تي خواه مخواه اهو الزام لڳايو ٿو وڃي. ملڪ جي تقسيم اصل ۾ هندن جي تنگ نظريءَ ۽ تعصب جو نتيجو آهي. خود لاهور ريزوليشن ۾، ملڪ جي تقسيم بابت ڪوبہ ذڪر ناهي!.... ملڪ جي تقسيم جو ذمہ دار قائد اعظم نہ پر فرقہ پرست هندو هئا.

اوهان (مسلمانن ڏانهن خطاب) ائين نہ ڪجو، جنهن غلطيءَ جو ارتڪاب هندن ڪيو آهي، ان کي نہ دهرائجو. انهن ملڪ کي ٽوڙي ٽڪرا ڪري ڇڏڻ منظور ڪيو، پر واڌڪي ذهنيت مان هٿ نہ ڪنيائون. هندن جي تنگ نظريءَ جي ڏينهن ڏيکاريا آهن، سي اسان جي سامهون آهن.

منهنجا دوستو! تقسيم جو قصوروار قائد اعظم محمد علي جناح نہ آهي، هو ملڪ کي پاش پاش ڪرڻ جي خلاف هو. مون کان پڇو! ملڪ جي تقسيم جي تجويز ڪنهن پيدا ڪئي. اوهان لالہ لجپتراءِ جو نالو ٻڌو آهي؟ منهنجو دوست هو ۽ وڏو انقلابي هو، ليڪن جڏهن ذهن ۾ بگاڙو آيو تڏهن تنگ نظريءَ جي فضا قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ هن سڀني کان

وڏيڪ حصو ورتو. ان سڀ کان اول، مسلم اڪثريت جي علائقن کي الگ ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي. ۽ تحرير ۽ تقرير ۾ ان جي تبليغ ڪيائين.

ان کان متاثر ٿي، انگريزن هندوستان کي پنجن حصن ۾ ورهائڻ جي اسڪيم بنائي، دراوڙستان، راجستان، هندوستان، پاڪستان ۽ سڪستان.

ان کان گهٽو پوءِ، رحمت الله چوڌري، سر محمد اقبال، خالد لطيف گابا، وغيره جا نالا اچن ٿا، جن ان تجويز متعلق پنهنجا رايا پيش ڪيا.

(هندن ڏانهن مخاطب ٿيندي چيائين): اي هندؤ! مان انصاف جي ڳالهه ٿو ڪريان. اوهان جي تنگ نظري ۽ تعصب آڏو نه اچي ها ته هيئن نه ٿئي ها! جڏهن مسئلي جو حل اڳيان آيو ٿي، تڏهن اوهان جي 'واڙڪي ذهنيت' ڪم ڦٽايو ٿي. مسلمان چار آنا ٿي گهريا، اوهان سادين ٽن آنن تي اِٽَ هٽي بيهي رهيا! ٽوهان جي ان واڙڪي ذهنيت ٺهيل ۽ سلجهيل معاملو خراب ڪري ڇڏيو.

گوکلي به مسلمانن جي حق جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ خواهشمند هو، پر اي هندؤ! اوهان ان جي به ڪا ڳالهه نه ٻڌي ۽ بنگال ۾ مسلمانن 53 سيٽون گهريون، پر اي هندؤ! اوهان 51 سيٽن تي اِٽ هٽي بيهي رهيا! اوهان جون اهڙيون گهٽيون حرڪتون آهن، جن ۾ اوهان جي تنگ نظري، عصبيت، ضد ۽ هٽ ڌرمي ڪم بگاڙيو آهي.

ـ هندؤ! اوهان سکن کي به برداشت ڪري نه سگهندؤ! سکن، اوهان جي تنگ نظريءَ کان مجبور ٿي، سک صوبو گهريو آهي.

هندؤ! ناراض نہ ٿجو! منهنجون ڳالهيون ڪنن کي
ڪوڙي پڌو! اوهان ۾ ڪي اهڙا ماڻهو پيدا ٿي چڪا
آهن، جي چون ٿا تہ مسلمان، سک ۽ عيسائي سڀ
’هندو‘ ٿي وڃن يا ٻاهر نڪري وڃن، سو منهنجي
ڳالهہ ڪن کولي ٻڌو: اگر اهي سڀ ’هندو‘ بہ بنجي
وڃن تہ بہ اوهان جو جهڳڙو ڪٿي نہ ٿيندو۔ پوءِ
جهڳڙو هلندو، ڪشميري برهمڻ ۽ قنوجي برهمڻ جو!
اوهان کي معلوم آهي تہ گرو گولڪرداس، هندو راشٽر
ناهڻ گهري ٿو. حالانڪ هو پشياون برهمڻ آهي، ۽
هند ۾ چيتپاون برهمڻ جو راڄ گهري ٿو، جن جي
نسل سان مهاراشٽر جي آباديءَ جو تعلق آهي. مطلب
پيو ڪجهہ ناهي، تہ هو برهمڻ راڄ گهري ٿو. اوهان
سمجهو ٿا تہ جن سنگهہ ۽ آر. ايس. ايس جي حڪومت
۾ وڃڻ سان ڪو فائدو ٿيندو، سو غلط آهي؛ اوهان
کي اهي بہ لوڏي ڪڍي ڇڏيندا.“

(جنگ ڪراچي. 1- جولاءِ 1966ع)

هي آهي، پنڊت سندر لال جو اعتراف.

بهرحال، هن مفصل مقدمي ۾، نہ فقط 1857ع کان وٺي
1920ع تائين ملڪ جي سياسي حالات جو تنقيدي جائزو ورتو
ويو آهي، پر ان سان گڏ ’پاڪستان تحريڪ‘ جا مختلف سياسي
مرحلا بہ اچي ويا آهن، جن جي مطالعي ڪرڻ سان اميد تہ
ڪيئي غلط فهميون دور ٿي وينديون.

’جام جم‘ ۾ اڄ کان 50 سال اڳ جو ڪجهہ بيان
ڪيو ويو آهي، هي مقدمو ان جي تشريح آهي، ۽ ان جي
مندرجات جي تڪميل بہ آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان

جي سنڌي نقادن ۾ عالمن 'جام جم' کي "پاڪستان ڏانهن پهريون قدم" قرار ڏنو آهي. صاحب مطالعه دوستن کي، هن کان علاوه ٻيا به ڪيئي محققانه ڪتاب ملي سگهندا، جي سندن مقصد ۾ سياسي جدوجهد تي بيش بها مواد پيش ڪري سگهندا.

غلام محمد "گرامي"

# جـــام جـم

مؤلف

مرحوم شمس‌الدین "بلبل"

عالم پناها

فتنہ بيدار دو چشمت بہ شکر خواب هنوز،
يـا نبي زيد سر از بالش راحت بـرکن.

# مسلمانن جي زندگي حالت

۽

## هوم رول جي هلچل

ڪن ڏينهن کان وٺي، هندوستان ۾ هوم رول يا حڪومت جي نون سڌارن لاءِ هلچل ٿي رهي آهي ۽ گرما گرم ڪوشش ۽ تقاضا، رعيت جي طرفان ٿي رهي آهي، تان جو ان جو اثر محسوس ڪري، وزير هند جي خيال ڪيو تہ پاڻ وڃي هندوستان جي ماڻهن جا رايا وٺي ۽ روبرو ساڻن بحث مباحثو ڪري. ان موجب سنڌ ۾ بہ ماڻهو، انهيءَ خيال ۾ لڳي ويا آهن .

هي سڀني کي معلوم آهي تہ جيئن سنڌ ۾ مسلمان آدم تمام گهڻو آهي تيئن جيهل جي اونداهہ ۾ بہ زور آهي. لکين ماڻهو آبادگار ۽ پوروهيت آهن، جن جي ڪمائيءَ تي سڀني آسودن ماڻهن جو گذران آهي . سرڪاري ڪامورن کان وٺي، زميندارن ۽ بيئلن تائين، يا وياج خور شاهوڪار هر وقت سندن رت پي رهيا آهن . هو ڍڳن ۽ ڍورن وانگي رات ڏينهن پيا پچهن، وهن ۽ رت پيٺ وارا ڪين نپوڙيندا، آسودا ٿيندا وڃن. انهن لاءِ نہ تعليم آهي نہ تربيت . انهن جو نہ ڪو آواز آهي نہ اثر، ۽

پاڻون هزار اشتهار ڇپائي، مشتهر ڪيا ويا، وري اخبار ۾ سپليمنٽ ڪڍي وئي، تان جو هن جي ڇوپڙيءَ جو ٺهڪار ڏسي، وري هن پمفليٽ جي ڇاپائڻ جو خيال ڪيو ويو، مگر افسوس ته:

خداونـدان نعمت را ڪـرم نيست،
ڪريمان را به دست اندر درم نيست.

مگر ۾ پليگ، پريس ۾ ماڻهو نه ٿي، مايا جو سوال درپيش! نه ڪو مددي، نه ڪو حال پڇڻ وارو. ظلم هي جو ڪو مسلمان ڪنهن به مضمون جو انگريزي ۾ به ترجمو ڪري نه ٿو ڏئي! ايـڏي بيدردي، ايڏي سنگدلي، ايڏي غفلت متن ڇانيل آهي، جو پانهنجي ٿو ته هاڻي اسان جـو آخري وقت آهي، شايد غير قوم جي پيرن ۾ اڄين ڏـڏا ڪاٽي مرنداسين. ڇو ته اسان کي قوميت جو ذرو به احساس ڪونهي. لاچار پنهنجي جڏي مڏي حال موجب، جيترو ٿي سگهيو آهي، اوترو مسلمانن جي سمجهائڻ ۽ سندن حقن بچائڻ لاءِ پنهنجي حتي المقدور ڪوشش ڪئي وئي آهي، آئينده اختيار خدا جي — وڏو ارمان ته پليگ جي ڪري "آفتاب" به بند ٿي وئي هئي. مخالفن کي خالي ميدان ملي ويو، اميد ته هيءُ رسالو تلافي مافات ڪندو.

چونڪ جو حق قائم رکيو هو، پر هاڻي اسان جا پائر ان جي برخلاف ٿي بيٺا آهن، ۽ ليگ وارا ڪئن ريگ ۾ قاڻا آهن، سو به ظاهر ٿيندو، پوءِ سيڪنهن مسلمان کي راءِ قائم ڪرڻ آسان ٿيندي.

عجب ته هيءُ آهي، جو اسان جا حريف پائر سيني گهرجن ۽ مطالبن مان ڪي ڪي اهڙا فقرا منجهيل، فقط ميمبرين ۽ انتظامي ڪونسلن بابت ڏنا پڏائن، جن ۾ سرسري ڏسجي ته بيشڪ هندو مسلمانن لاءِ مفيد آهن. مگر باريڪ نظر سان ڏسبو ته تن ۾ به رولو آهي، جو هيٺ خبر پوندي. ڪو ڪهڙا فقرا پيو پڏائي ته ڪو ڪهڙا - نه ته اول کان آخر تائين، سڀ مطالبا ڏيکارين ته قلعي کلي پوي!

# چوپڙي "هندواسي"

## موسوم به

# ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي رٿ

# حڪومتي سڌار

ڪانگريس ۽ ليگ وارن 4-1 قلم تائين، ٺهراءُ ڪيو آهي ته پرڳڻن جي قاعدن واري مجلس ۾ چار پتيون چونڊيل ميمبر هجن، پنجين پتي سرڪار چونڊي. وڏن پرڳڻن بمبئي ۽ بنگال ۾ 125 ميمبرن کان گهٽ نه هجن ۽ ٻين ۾ 50 کان 75 تائين مسلمان پنهنجا عيوضي پرڳڻن ۾ هيٺين طرح چونڊن.

---

نوٽ:- عيوضين بابت مسٽر پرڳڙي صاحب، پنهنجي تقرير ۾ چيو آهي ته عام ماڻهو حڪومت جو ضابطو پنهنجي عيوضن جي معرفت رکي سگهندا، جن کي پاڻ چونڊيندا، وغيره- اسان جو ڪين عرض آهي ته سنڌ ۾ ميمبرن جي چونڊ بابت آنربل کي تجربو هوندو، ته ڪهڙي شرمناڪ حالت، پئسي خرچڻ ۽ سفارشن ۽ پراين ٻانهن سان تڙڻ تي ٿئي ٿي- انهن کي ماڻهن جو عيوضي سچو چئي سگهبو يا مصنوعي يا فريبي.

ٻيو فرمايو اٿس ته عيوضي قوم جا پاتي ناهن! اسان چئون ٿا ته هائو، پر ڪو پاتي، توڙي وڏو، ڪري پوي ته اهو گهر آنو يا مٽنو؟

-( بلبل )

3- ان ڪاروباري جماعت تي انڊين سول سروس جا نوڪر مقرر نہ ڪيا.
4- ان ۾ گهٽ اڌ ميمبر ڏيهي ٿين، جي ليجسليٽو ڪونسل جا چونڊيل ميمبر چونڊين.

جواب

گورنر جي ڪاروباري جماعت ۾ اڌ ڏيهي ميمبر ٿيندا، تن کي وري ڪائونسل جا چونڊيل ميمبر چونڊيندا، پوءِ ٻن ٽئين ميمبرن جي راءِ وڌيڪ ٿيندي، يا ٿين ٽيءَ جي؟ ان صورت ۾ ڪاروباري جماعت ۾ ڪنهن جي ميجارٽي ٿيندي؟ ۽ مسلمانن کي ڇا پڙ پوندو؟

اهڙيءَ طرح، امپريل ليجسليٽو ڪونسل جي ميمبرن ۽ مجلس جا ساڳيا شرط آهن، جن کي ساڳيو جواب آهي.

---

1- هند سرڪار جي اختيارين واري قلم 5 ۾ آهي تہ وڏين نوڪرين پرڻ جي اختياري هند سرڪار جي هٿ ۾ رهندي، پر اها اختياري امپريل ليجسليٽو ڪونسل جي قاعدن پٽاندر هلندي، ٿنهن ۾ ايندو ڪو سنڌ جي مسلمانن کي وارو؟ بلڪل نہ - ان عهدن ۾ ڪليڪٽريون، ڪمشنريون ۽ ٻيا عهدا بہ اچي وڃن ٿا. هٿ سخن در اين ست وارو معاملو آهي. رمز سهي ڪرڻ گهرجي.

ميمبرن جو هو حال، نوڪرين جو هي حال! اسان جي تعليم جو هي حال! اتفاق ۽ همدردي ۽ قوميت جو هو حال. ان هوندي بہ مسلمان هوم رول گهرن ۽ چڙي باز سان اڏامي؟ تہ هو گوءِ، هو ميدان!

عمل ڪيائون ؟

اورنگزيب ۽ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن کان تہ لنگھائي رکيو اٿن يا باقي ڪجھہ ڇڏيو اٿن؟ ”اهڙي نہ سمي ڪئي نہ سومري ڪئي.“

بقر عيد تي جيڪي ظلم مسلمانن سان ڪيا اٿن، سي اخبارن ۾ موجود آهن. مگر افسوس جو هندو اخبارن تہ انهن واقعن کان اک پوري، پر ”الحق“ ۽ ”الامين“ وارا بہ خاموش رهيا! نہ تہ ايذا ظلم ۽ اهڙا واقعا اڄ تائين نہ ڪنهن ڏٺا نہ ٻڌا! جو هندو ٻلوائي، لکن هزارن جي عدد ۾، ڳڌجي سوين ڳوٺ ڦريا آهن. مرد ۽ معصوم ٻار ماريا اٿن، زالن جا ڪپڙا لٽا بہ لاهي ورتا اٿن، جي ننگيون آرهہ ضلع ۾ پناه گزين اچي ٿيون آهن. هن بابت هيٺ بہ ڪجھہ احوال آهي.

# جيڪي مسلمان هوم رول جي موافق آهن، تن جا ٽي قسم آهن!

هڪڙا ته ڪن ڳالهين تي يوروپي آفيسرن کان ڪاوڙجي هوم رولي ٿيا آهن. پڻ هندن جي ڳنڍڪن ۽ سندن حمايت ۽ پشت پناهيءَ جي پروسي تي اُٿين ڪيو آهي. ٻيان وري ان ڪري ته آهن ته هندوستان جي عالي دماغن مان اها وائي، موافقت جي نڪتي آهي ته ضرور ان ۾ ڪو فائدو هوندو، يا سمجهيو اٿن ته لڙ بکيڙي مان ضرور ڪجهه نه ڪجهه ملي ٿو.

ٽيهرين پڻ فرقن جا جواب مٿي اچي ويا آهن، ته اها سندن غلطي آهي.

باقي اسان انهن عالي دماغن جو به آپريشن ڪيون ته منجهن ڪو مغز به آهي يا رڳو دماغ عالي ۽ دليل خالي اٿن. سنڌ جون هندو اخبارون به اسان کي انهن جو ڏس ڏيون ڏين ته اوهان جا وڏا هوم رول ۾ راضي آهن، اوهان ڇا تي آهيو؟ اهي صاحب به آڱرين تي ڳڻڻ جهڙا آهن، نه فرشتا آهن نه نبي. خطا ۽ نفسانيءَ کان اهي به خالي ناهن، تن ۾ به اختلاف آهي. "پنج هيڏي ته پنج هوڏي!"

هندوستان يا پنجاب ۾، اگرچ سنڌ کان وڌيڪ تعليم آهي، پر تڏهن به اٽي گهٽ ضلعن ۾ هوم رول جي مخالفت آهي، جو طرفين جون اخبارون مون وٽ اچن ٿيون. اهي وڏا

دماغ ڪير آهن: مسٽر جناح، مسٽر مظهر الحق، خانبهادر سرافراز حسين، مسٽر آل نبي، سيد نبي الله، مسٽر محمد شفيع، مسٽر علي رضا، مسٽر حسن امام، مسٽر علي امام، راجه محمود آباد ۽ ٻيا مسٽر محمد علي ۽ مسٽر شوڪت علي ته ويچارا بند ۾ آهن.

مسٽر محمد شفيع به سندن دين الاهيءَ کان مخوف ٿي ويو. باقي جيڪي سندن دليل سوني وقت بوقت هوم رول جي تائيد ۾ روزانه 'همدم' يا ٻين اخبارن ۾ پڙهي ڏٺا آهن، سي اهڙا ڪمزور آهن، جي اسان ننڍڙن دماغن کي به نه ٿا وڻن. رڳو ڪکن ٿي ٻير اٿن!

انهن جو لب لباب، لنهن ڏينهن، مسٽر آل نبيءَ هڪ وڏي ميٽنگ ۾ ڏيکاريو آهي. جن تي هن وقت تبصرو ڪيون ٿا ته نبيءَ جي آل ۽ امت جو فيصلو ٿئي.

شاهه آباد جي فساد کان پوءِ هندن جي حالت ڏسي، آنريبل مسٽر علي رضا به ليگ، بلڪ ڪائونسل کان به استعفا ڏيئي وارو آهي، ۽ مسلمانن کي موڪل ڏني اٿس ته هو 'ليگ' ۽ ڪانگريس جي اسڪيم جي بيشڪ مخالفت ڪن، جو آئنده هندن ۾ اعتبار ڪونه رهيو آهي.

هاڻي 5 لک گڏ ٿيا هئا، پوءِ 5 ڪروڙ گڏ ٿي مسلمانن کي ڦُريندا.

# نبيءَ جي آل ۽ اُمت

## سندس تقرير تي تبصرو

(١)

پاڻ فرمائين ٿا ته شايد مون کي مسلمان سمجهندا ته مان به اهڙو آهيان، جو مسلمانن جي مفاد جي مدنظر نه رکي هندو پاڙن جي ترغيب تي، انهن جو تابع ٿيو آهيان، مگر مان مسلمان آهيان ۽ انهن جي بهبوديءَ جو طالب. تنهن کري پنهنجي تجربي جي زور تي چوان ٿو ته مسلمانن جو هن تحريڪ ۾ حصو نه وٺڻ سراسر نقصان آهي.

### جواب

بيشڪ حضور! اوهان پاڻ به مسلمان آهيو ۽ اسم 'نبيءَ' جو اولاد ۽ آل. اوهان کي خير مان مسلمانن جي فائدن جو خيال به ضرور هوندو، مگر انسان خطا جو گهر به آهي. متان ان اجتهادي مسئلي ۾ خطا ڪئي هجيو.

هوم رول جي مخالفت ۾ ڪيئن مسلمانن جو نقصان ٿيندو، تنهن لاءِ دليل ڪونه ڏنو اٿو، تنهن کري اها اوهان جي دعويٰ بي دليل آهي، ۽ تجربو بي سود!

(٢)

وري فرمائن ٿا ته هن وقت سرڪار کان مطالبو ڪجي

## جواب

اسين چونداسين ته بيشڪ، چو ته ان ۾ به جناب جي بشرطيڪ جو شرط علميت پيل آهي. نه ته سر ڪپائڻ لاءِ هوند اسان جا پائر بيشڪ اسان کي اڳي ڪن، سو جيڪڏهن ڪرنيلي جرنيلي اسان جا سرويچ مسلمان ڪرڇون لڙڪائڻ ۽ فقط اهو صيغو انهن لاءِ مفيد به ٿئي، مگر اتي به بشرطيڪ جو دم لڳل آهي ته پوءِ مسلمانن جون اهي ٺي ٺي ڏاڍيون!

(6)

وري فرمائن ٿا، جيڪڏهن هٿيارن جو قانون رد ٿي وڃي، جنهن ڪان اسان جي نسلن جون بهادريون ۽ جراتون ناس ٿي ويون آهن ته ڇا اهو به مسلمانن لاءِ مضر آهي؟

## جواب

اسين عرض ڪنداسين ته هائو جناب! بهادري ۽ جرات جيهل ۾ آهي، اها اسان وٽ موجود آهي. جي هٿيار ناهن ته اسان جا مسلمان لٺين ۽ ڪهاڙين ڪان به اهو ڪم وٺن ٿا. جيڪڏهن هٿيارن جي بندش لٿي ته پوءِ وري اسان جي پائرن، ڪڇي پنڊيءَ جو خير ڪونهين. جهڙو سنڌ ۾ جهل ۽ ذڪر ۽ پوڏن ۽ سوڪن جو حال آهي، جو بندش سان به سوين خون ٿين ٿا، ڌاڙا لڳن ٿا، پوءِ جي بندش لٿي ته جٽ پوڪ جو ڪم به ڇڏي ڏيندا ۽ سڀين پائرن تي ڪندا هٿيار آزمائي، جنهن ۾ طرفين کي نقصان. هو ڦاسيءَ تي چڙهندا ۽ اسان جي پائرن جو گورو گنگا تي. هن سان ته وڏيڪ بي امني ۽ فساد ٿيندو. هان، مگر پين پاسن جا هندو، سنڌ جي مسلمانن جهڙا ڪم ٿا ڪن، جن جو احوال ”آفتاب“ 20- آڪٽوبر ۾ ڏنل آهي ته ڪئن ٿا مسلمانن کي بيگناه اسلامي فرض ادا ڪندي،

ڪٺڙن جي هٿيار ملين ته پوءِ مسلمانن کي به ملڪ، بهشتن ڏي اماڻيندي ڏڪجي پوندا.

غرض ته عام هٿيار ماڻ باعث، فساد ۽ بي امني جو ڏيندو. باقي لائق ماڻهن لاءِ وستو ڪليل آهي، ڪين سعافيون ۽ ليسن مليل آهن. سنڌ جا هندو هٿيار ڪمائي سگهندا، جو اهڙي گهر ڏا ڪن، نه ته سنڌن هٿيار، سنڌن لاءِ جوکو ڏيندو!

(7)

وري واپار جي محصولن لاهڻ ۽ حرفت صنعت کي ترقي وڌائڻ لاءِ به فرمايو اٿن ته مسلمان ڪاسبين کي هتان فائدو ڏيندو يا نقصان؟

## جواب

ان بابت به اسان جو عرض آهي ته "نياڱو پار پينگهي ۾ پڌرو". جهڙو هينئر هنر ۽ واپار ۾، بلڪ پوک ۾ مسلمانن کي ڪٿو ڪلهي تي آهي، پوءِ به اهوئي حال ڏيندن، چو ته سنڌن گذران قرض تي آهي. اهي وسائل به سڀ هو قرض مان پورا ڪندا، جن تي وياج باري، ساري عمر خواري، سدائين رلي ڪلهي تي ۽ ڪلمون نبيءَ تي!

(8)

وري فرمائن ٿا: جيڪڏهن خواهش ڪجي ته ملڪ کي حڪومت ۾ وڌيڪ حصو ملي ته ڇا مسلمانن کي ڪجهه به ڪين ملندو؟

## جواب

اسان چئون ٿا 'همان ڪاسه همان آش'، ٿوڙ ملندو! جن ۾ لياقت علميت آهي تـي ڪانه. جيڪي وري لياقت حاصل

ڪن ٿا، تہ انهن جو نمبر ايترو گهٽ آهي، جو قيامت تائين وارو نہ ٿو اچين. ڪو آفيسر مهرباني ٿو ڪري تہ پڪاو پئجي ٿي وڃي، پوءِ ڪيئن مسلمانن کي حڪومت جو حصو ملندو، جيستائين ساڻن خاص رعايت نہ ڪجي، ۽ هوم رول اها رعايت ڪڏهن منظور نہ ڪندو.

(9)

پوءِ فرمايو اٿن تہ اهي حق آهن، جي ڪانگريس ۽ ليگ ڪڏجي گهرن ٿا. پوءِ جيڪا ڳالهہ ڪانگريس گهرندي، سا مسلم ليگ گهري تہ ان ۾ هن پنهنجي قومي وقار کي وڃايو ڇا؟ ۽ پنهنجي عزت ڪانگريس کي وڪڻي ڇا؟ اهو غلط آهي.

## جواب

اسان جو چوڻ آهي تہ جناب، جنهن بابت اسين هرهڪ فقري تي جواب ڏيندا آيا آهيون ۽ اسين چئون ٿا تہ ڪانگريس پنهنجي لياقت ۽ وت آهر گهري، مسلم ليگ پنهنجي وت آهر. پر جيڪڏهن ڇڙي باز سان اڏامندي، تہ پنهنجو وقار نہ وڃائيندي تہ پيو ڇا؟ تڏهن ڇا لاءِ مسلم ليگ نهي هئي؟ يا نهڻ ڪان پوءِ يڪدم اهڙي معراج تي چڙهي وئي جو يڪدم ڪانگريس سان کلهو هنيائين ۽: ”تو من شدي، من تو شدم“ تي وئي! ان ڪري گهڻا اهل راءِ ۽ مبصر مسلم ليگ جي ان روش کان ناراض آهن. هي آهن عالي دماغن ۽ وڏن مغزن جا دليل ۽ رايا!

اڇا ڪجهہ سندن دليل هئا، مگر خاص مٿي اچي ويا. پين جو بہ اهو نمونو سمجهڻ گهرجي تہ وڳو لفاظي ۽ چالاڪي آهي، عمدو دليل ڪونهين، جو دل سان لڳي.

تناسب اعداد 30 في صدي کي خوشي ڏيکاري اٿس،

۽ حاجتن، خصوصاً اهل سنڌ جي ڪهڙي پرواهه رکندا؟ جن جي ڳڻتڪن تي اسين لڳون ۽ پنهنجي سفيد سياهه جو مالڪ انهن کي سمجهون. خدا هر ڪنهن کي پنهنجو عقل ۽ سمجهه ڏني آهي، نفعو نقصان جاچي سگهي ٿو. هنن جا ۽ اسان جا رايا، عام طرح پبلڪ اڳيان ظاهر ٿي چڪا آهن، هاڻي سڀ ڪو امتياز ڪري سگهي ٿو- هرون پرون، مسلمان اهڙا نپٽ ڪين آهن، جو پنهنجو نفعو نقصان نه سڃاڻن، يا حاڪمن جي رڳو خوشامد ڪن. 'الامين' جيڪي قول موافق، پنهنجي چوڻيءَ ۾ ڏيکاريا آهن، ته وري مخالفن جا به ڏيکارڻ گهربا هوس. ڪيس 'امين' ٿي ٻئي پهلو قوم جي اڳيان رکڻ گهربا هئا، ائين نه ته رڳو پنهنجن دوستن جي پيرويءَ تي، يڪطرفي ڊگري صادر ڪرڻ گهرجي ها، جن ڪان مسلمانن جا جهڳا ناس ٿي ويا آهن!

# هندن جي مسلمانن سان افسوسناڪ هلت جا ڪي ٿورا مثال

## هندوستان ۾

1- الهه آباد ميونسپالٽيءَ ۾، جڏهن مسلمانن ڪي اڳيئن ڪان وڌيڪ، سندن اعداد مقرر ڪيل موجب جايون مليون، تڏهن ڪيترن هندن استعفائون ڏنيون ۽ ايڏو ته گوڙ ڪيائون جو خود حاڪم به تنگ ٿي ويا. ڪيترو ڪين سمجهايائون ته ان ۾ اوهان جو ڪهڙو نقصان آهي! رڳو مسلمانن کي ڪجهه فائدو ٿيو، ته ڇا ٿيو؟ ته به هرگز نه مڙيا، سو نه مڙيا.

هاڻي وري هيءَ حرڪت شروع ڪئي اٿن، ته جڏهن ڪا جاءِ، ميمبريءَ جي خالي ٿي ٿئي، ته اتي جهٽ ڪونه ڪو گٽڪ هندو اميدوار ٿو بيهي ته متان مسلمان اها جاءِ ڪٺي وڃي. پوءِ ويچاري مسلمان جي ان سان ڇا دال ڳرندي؟ سو اها جاءِ ڪٺي ڪو وقت رهي وري استعفا ڏئي ٿو وڃي، وري ڪو ٻي جاءِ خالي ٿيڻ تي مسلمان ٿو سنيري ته بعضي استعفا وارا وري اميدوار ٿا بيهن، جنهن تي اتي جي ڊپٽي ڪمشنر ريمارڪ ڪيو ته استعفا ڏيندڙ وري ميمبر نه ٿا ٿي سگهن! ڪو ته انهن معزز ماڻهن کي پنهنجي ڪيريڪٽر جو لحاظ رکڻ گهرجي.

غرض ته الهه آباد جي ميونسپالٽيءَ ۾ اهڙو ته هندو پائرن مسلمانن کي تنگ ڪيو آهي، جو ڇا چئجي؟ پوءِ ڪهڙي منهن سان ٿا چون ته اسين مسلمانن لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيون ۽ قرباني ڪنداسين: سو بيشڪ مسلمانن کي قرباني ڪيو اٿن ۽ قربانين تي ڪين لٽيو اٿن.

2- ڪانپور جي پريڊ گرائونڊ تي هندن فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته اتي مسلمان، هرگز جنازي جي نماز نه پڙهن.

3- بيائو ضلعي اجمير ۾، هي حڪم جاري ڪرايو اٿن ته مسلمان عقيقه يا قرباني ڪرڻ لاءِ ٻڪريون نه پائين.

4- جبلپور جي هڪ مسجد اڳيان، زورمٽس ڪري، تراويحن جي وقت باجا ۽ ڊمچر شروع ڪيائون. ڇوڻ سان به نه مڙيا، نيٺ اتي مسلمانن تراويحون پڙهڻ ڇڏي ڏنيون!

5- بنگال ۾ شب رات جي جلوس جي رخصت، مسلمانن کي نه ملي، جو اتي هندو صاحب سپرنٽيڊنٽ هو.

6- بنگال جي ڪونسل ۾ سر سنها، جمع جي نماز جي مخالفت ڪئي، جو اهو بل ناپاس ٿيو.

7- گڏيل صوبي ۾، پيران ڪلير شريف ڏي، سڙڪ ٺاهڻ لاءِ هندن مخالفت ڪئي. اها رٿ بحال ٿي، جتي هزارن ماڻهن جي آمدرفت آهي.

8- خود بنگال سرڪار جي سخت تاڪيد هوندي، هندن مسلمانن کي ڪلارڪيءَ جون جايون ڏيڻ نه گهريون، جو نيٺ سرڪار لاچار ٿي زوري ڪاروائي ڪئي.

9- جي هندو ميمبر، مسلمانن جي مشترڪ ووٽن سان ڪونسلن ۾ ويا، تن ڪڏهن به مسلمانن جي فائدي ۾ نه ڳالهايو!

10ـ چندوسيءَ شهر ۾ هندن، لٺين جي زور سان، محفل ميلاد بند ڪرائي.

11ـ بوامي يا ڪو ٻيو شهر، مون کي ياد نه ٿو اچي، اتي مسجد جي اڳيان لٺ لڳي، ۽ هندن ٽي ڏينهن برابر هٽ تاڙ ڪئي، جن جي نهراءُ لاءِ واجد محمود آباد ويو هو.

12ـ هاٽي تازو نواب گنج، ضلعي بريليءَ ۾، هندن، قرآن ڪريم جي ورقن سان، راوڻ ٺاهي، ان کي باهه ڏني، ڪي ڪاغذ سڙيا، ڪي وستن تي اڏ سڙيا، ٻي رليا ۽ لتاڙيا. مسلمانن ان تي فرياد ڪيو، تنهن تي سپرنٽينڊنٽ پوليس، جي اهي ڪاغذ هٽ ڪري، هندن تي 295 سيڪشن هيٺ ڪيس ڪيو آهي. ان ڪان بريليءَ جي مسلمانن ۾ ڏاڍو جوش خروش آهي.

ـ ٻيو ته عاشورن جي رات، هڪ مسجد ۾ مئل سوئر پڻ اڇلائي ويا.

13ـ اڙدو زبان جي مخالفت نه وڳو مسٽر مالويءَ چنتامنيءَ ڪئي، پر مسٽر گانڌي به ساڻس همراهه ٿيو ۽ چيائون ته جيستائين مسلمان هندي ناگري نه سکن، تيستائين ڪين اڙدوءَ جي اجازت نه ڏجي.

14 لاهور ۽ ٻين شهرن ۾ هندو مسلمانن کي جايون به مسواڙ تي نه ٿا ڏين.

15ـ بقر عيد جا فساد ۽ بلوا، طوالت ڪري ڇڏيا آهن، جي 'آفتاب' ۾ ڏيڪاريل آهن، ته ڪهڙي زور زبر مارڪٽ ۽ اقت مارڻ سان مسلمانن کي مذهبي فرض تان دستبردار ٿا ڪرائين.

جيڪڏهن سنڌ مان ڪمشنر جي اختياري ڪسائي، گورنر ان ڪونسل بمبئيءَ مان لاٿائون ته باقي به مسلمانن جو آسرو ڇنو. ڪنهن نہ ڪنهن مهل سندن پرگهور ٿيندي هئي، سا به ويندي، پوءِ مسلمانن ڪي ڪر بہ نصيب نہ ٿيندو.

# مسٽر گوکلي جي اسڪيم ۾ اصلاح

هاڻي مسٽر گوکلي جي اسڪيم به ناظرين جي پيش ڪريون، جا هن مصلحت وقت موجب پيش ڪئي هئي. ان لاءِ به چوڻ ۾ اچي ٿو ته هن به سرڪاري آفيسرن جي چوڻ تي ائين لکيو هو. جڏهن اهڙو شخص به اعتراض کان نه بچيو، تڏهن اسين ڇا آهيون. نه ته ڪنهن کي طاقت ڪانهي جو اسان جي راءِ کي ڪنهن به طرح هرون پرون پنهنجي مرضي تي آڻي، توڻيڪ ڪو آفيسر يا ليڊر ڇونه هجي.

مسٽر موصوف، هندستان جي اصلاح جي اسڪيم ٺاهي سر آغا خان جي حوالي ڪري ڇڏي هئي ته مناسب وقت تي هن کي ڇاپائي پڌرو ڪجانءِ. شايد آغا صاحب پڌري ڪئي هوندي — ان جو چوڻ آهي ته هرهڪ صوبي ۾ گورنر هجي، جنهن جي مقرري ولايت مان ٿئي، ان کي انتظامي ڪائونسل ملي، جنهن ۾ ٽي انگريز ۽ ٽي ڏيهي ميمبر هجن. هندستاني سولين به ان ۾ هٿ گهرجن، مگر ان لاءِ ڪا خاص جاءِ نه هجي. قانوني ڪائونسلن ۾ 75 کان 100 تائين ميمبر هئڻ گهرجن، جن جي پنجين پتي چونڊيل هجن. چونڊ جو طريقو به ڏيکاريو اٿس ۽ چيو اٿس ته مسلمانن کي جدا چونڊ ملڻ گهرجي، سرڪار ڪنهن کي نه چونڊي، سواءِ ڪنهن خاص ضرورت جي، البت ڪي سرڪاري ميمبر گورنر چونڊي، صوبن جي ڪونسلن کي قاعدي ٺاهڻ جو اختيار ملي. انهن جي منظوريءَ کان

جي گهرڻ ۾ جيڪڏهن مسلمانن جي طرفان ڪا جماعت يـا ڪي ماڻهو پڪارن ٿا تہ انهن لاءِ لکجي ٿو تہ هي جماعت بيقاعدي آهي ۽ رڳو ڪي عام ماڻهو هئا. مگر جيڪڏهن ڪي ماڳيا مسلمان هندو پائرن جي فيور ۾ ڳالهائين ٿا تـہ انهن جا نالا لکجن ٿا, نہ ميان تاجـل خان، ميان پنجل خـان، حاجي ڪرڙ خان، وڏيرو ڪبڙ خان، سو ڇا سبب؟ سندن طرفان ڳالهائين سي خان ۽ وڏيرا, جيڪي اسان جي طرف ٿين سي ٿيا اجايا سجايا عام ماڻهو، هاري ۽ ناري! ٻيو اسان جا پائر نہ اسان ڪي نوڪرين ۽ عهدن ۾ ٿا سهن، نہ انهن آفيسرن کي پسند ٿـا ڪن، جي اسان کي وقت سر ياد ڪن ٿا. ان ڪري هاڻـي مسٽر لارينس کي اسان جي پائرن پرائيويٽ طرح اورنگزيب جو خطاب ڏنو آهي، ۽ ٻئي هڪ هندو صاحب هڇا جا لفظ لکيا اٿس، تہ ڇو مسٽر عطا محمد کي ڊپٽي سپرينڊنٽ ڪيائون، سو بہ ويچارو پوئتي موٽيو. حال هي آهـي جو هـن صاحب جيڪڏهن ڪي جايون مسلمانن کي ڏنيون آهن تہ هندن کي بہ برابر ڏيندو ٿو اچي. البت ائين نہ ڪيو اٿس تـہ اڪبر وانگي سمورو هندن تي ليٽي پوي. اورنگزيب ويچارو عادل، امين، پرهيزگار بادشاهہ هو، مگر هن پنهنجي ڏاڏي اڪبر جي هڪ طرفي پاليسي سلطنت جي لاءِ خوفائتي ڄاتي، تنهنڪري وچٽري پاليسي ورتائين، تنهنڪري هندو ڪانئس ناراض ٿي پيا، جي اڃا تائين ڪيس گلا سان ياد ڪندا ٿا اچن. اهڙي طرح اڳي نوڪرين ۾ جو سمورو سندن ٺيڪو هو، مگر هاڻي جو ڪجهہ مسلمانن کي بہ وارو ملڻ شروع ٿيو آهي تـہ مسٽر لارينس اورنگزيب ٿي پيو آهي! مگر اسين تہ چئون ٿا تہ اهڙو عادل، امين، خانداني يورپي آفيسر بيشڪ اهڙي نالي وڪڻ لائق آهي ـــ مگر نہ شيواجي، نہ نانا پائي! مطلب تہ جڏهن اسان جي پائرن جو ايڏو تنگ حوصلو آهي، تڏهن نہ مسلمان ساڻن

جوش ۾ ايندا تہ پوءِ ڪهڙي منهن سان هو سوراج گهرڻ لائق ٿيندا؟ ۽ هندو اخبارن اهڙا ڀڙڪا ڪيا جو واهہ واهہ. هڪ هڪ ويچاري مسلمان جا عيب ظاهر ڪيا. خود مسٽر لارينس کي سڏيون پڌايون. اڃا تہ ڪڇائون. اڳي وڳهو اسان جي پاڙن جي کهڻي هڪ رهڻي بي پائيندا هئاسين. مگر هاڻي تہ مسلمان هوندو جو ساڻن گڏبو. وري اسان جي ميان صاحب محمد خان بہ واهہ جا لڪچر خوانيءَ ۾ قرآن داني ڏيکاري آهي، تہ ڪيئن مسلمان قرآن جي حڪم کان برخلاف، هڪڙا حاڪم بيا محڪوم ٿيڻ قبول ڪندا؟ اسان کي خانصاحب پڌائيندو تہ اولوالامر جي معني ڇا آهي. قرآن جي ان آيت مان هڪڙا حاڪم بيا محڪوم ثابت نٿا ٿين؟ دنيا جو ڪارخانو تہ هوندو ئي حاڪم ۽ محڪومن سان. سڀ حاڪم ٿيا تہ جهان ڪيئن هلندو؟ *

خانصاحب جو حج تي وڃڻ جي صلاح رکو ان ڪري ڏني آهي تہ ايران ۽ بخارا جي مسلمانن کان وڃي پڇو تہ ڪئن تہ هو هوم رول جي ڪري آزاد آهن، مگر خانصاحب کي خبر آهي تہ هوم رول جي ڪري ترڪي ۽ ايران ۾ ڪيڏي بدامني ۽ بغاوت پيدا ٿي، بادشاه قيد ٿيا، اڃا تائين سندن حالت برابر نہ آهي. خانصاحب گهري ٿو تہ هندستان ۾ بہ اهڙو فساد ٿئي ڇا؟ جيڪڏهن اسان جي مسلمانن کي ڪا غيرت

* نوٽ: هن آيت سان پيو بہ هڪ مسلمان خود پرست گمراه ٿيو هو، جو اها آيت سرڪار جي وفاداري لاءِ ثبوت ۾ ڏني هئائين، ۽ اسان خبردار ڪيس. اشارتا تہ اها معني وٺڻ غلط آهي ۽ تفسير باالرائي، ڇو تہ اولو الامر منکم مان فقط مسلمان حاڪم مراد آهن، جهڙو خلفا ۽ نہ غير اسلام وارا. غير اسلام حڪام لاءِ اطاعت ۽ بغاوت يا فساد نہ ڪرڻ جا ٻئي هنڌ حاڪم آهن، مگر هو نادان وري بہ اسان جو اشارو نہ سمجهي پنهنجي ساڳي بي فهمي ۽ احمقي تي نازان ۽ مقرر هو ۽ ان لفظ نہ لکڻ ڪري اهڙو گند بڪيائين، جهڙو سندس لائق هو. تازي نہ هو، جو اشارو سمجهي ها. — بلبل

حريف اهڙا ڏاها آهن، جو ڪابہ پنهنجي ڳالهہ اهڙي ڏيک ۽ اثر سان ڪندا آهن، جنهن ۾ ظاهر سنڌن قومي واسطو ذرو بہ ڪونہ پيو ڏسجي. فقط سرڪاري انتظام جي خوبي ۽ نيڪ صلاح نظر پئي اچي. مگر در پرده ان ۾ ضرور گهٽ پيل قوم جوئي نقصان آهي، جنهن هاڻي هلي وهيو آهي. تعليم کاتي ۾ خصوصاً ۽ ٻين کاتن ۾ عموماً، يعني ان ۾ اهڙو انتظام وڪايل آهي، جو ظاهر ۾ ڪنهن بہ قوم جي پاسداري ڪانهي، مگر باطني ان جو اثر سيني مسلمانن تي پئجي رهيو آهي ۽ انهن جي پڪار بہ نٿي ٻڌجي، ۽ يورپي آفيسرن جي ذهن ۾ بخوبي وهاريل آهي تہ هي مسلمان سست، بي علم ۽ اڻ محنتي آهن، رڳو سنڌن اجائي دانهن آهي، نہ تہ سرڪار کي نڪو مسلمان ڪوڙا آهن، نہ ڪو هندو پيارا! مگر هي انهن جي ڏاهپ ۽ دخل در معقولات جو اثر آهي، تہ پوءِ بہ ڪونسلن ۾ بہ طرح اميد رکڻ اجائي ۽ بيسود آهي. مگر سائينءَ صاحب نوڪرين لاءِ بہ تناسب اعداد تي آيو آهي تہ هن کان پوءِ مقرر ٿيل تعداد موجب هندو مسلمان نوڪريون بہ وٺي سگهندا مگر اها تہ ان صاحب کي خبر ناهي تہ مسلمان مقرر تعداد موجب بہ ڪيئن نوڪريون وٺندا، جڏهن انهن ۾ نوڪرين جي معيار جيتري تعليم نہ هوندي، تہ مقرر عدد نوڪرين ۾ ڪيئن ڪين ملي سگهندو. جيستائين مسلمانن جي حقن جي جدا نگهداشت نہ ڪبي، تيستائين سنڌن چاڙهو نہ ٿيندو. تنهنڪري تعليم ۽ نوڪرين ۽ ميمبرين ۾ سنڌن قوميت ۽ سياسي حقن جي احاظ تي سڌارا ٿيندا تہ البت فائدو ٿيندو. گڏيل گنج ۾ رنج کان سواءِ ڪجهہ نصيب نہ ٿيندو، مگر شڪر آهي تہ گهڻن مجموعن اهڙي پڪار ڪئي آهي، جا اميد تہ رائگان نہ ويندي.

ضرور آهي ته اول راقم آئم نيهه رپيا چندو موڪليو آهي. پين صاحبن هيستائين 25 رپيا آهن. جزاه الله خيرا. جنهن زنده قوم سان اسان جا پائر ڪلهو هٿين اڄڪلهه اسٽيجن ٿي باري باري ۽ آزادانه لڪچر ڏئي رهيا آهن، تن کي اهڙيون عادتون به ته سکڻ گهرجن. به ٽي سال وڳو ڏڪارين جي سهائتا لاءِ مسٽر ڀهلاجراءِ واسوائي ڇا ڇا نه ڪري گذريو هو؟ جي اهڙو حال هندن سان ٿئي ها ته اڄ سنڌ مان به ڏسو ها ته لکين رپيا وڃن ها. مگر مسلمان آهن، جو پيو ڪـه سڌ سماءَ ڪونهين، باقي هوم رول گهرڻ ۽ اسپيچن ڏيڻ لاءِ سو تيار آهن. مسلمان مارجن ته ڇا، ڦرجن ته ڇا! (بلبل)

**THE PUBLIC VOICE OF SIND MOSLEMS**

for

BRINGING TO THE KIND NOTICE

of the

SECRETARY OF STATE FOR INDIA

and

COMMISSIONER-IN-SIND

1. The unanimous dissent in the Home Rule question, shown on behalf of all Sind Mohammadans by Sind Mohammadans Association at its general meeting and expressed in the address presented to His Excellency the Viceroy, is quite justifiable and reasonable.

2. Thereafter if signature of any Mohammadan is found to have been taken on Mr Gandhi's draft memorial or any other such reform scheme document, it should be treated as of no significance or weight.

3. A few Sind Mohammadans who arepro homerule are either merchants, pleaders, or members of a sect of Mohammadan Community e. g., Khojas, Boris and Memons who are neither sons of the soil nor familiar with the ways and manners of Sind

Mohammadans. Any proposition emanating from them or any demand advanced by them in conjunction with Hindus should therefore never be considered to be representative of the entire Community.

4. The case of Sind is yet quite different and peculiar. Its population consists of nearly 27 lacs of Mohammadans and of only about 7 Lacs of Hindus. In matters educational, however, the difference between the two communities is quite the contrary, the numerically superior race being far behind the other. The claim for Home Rule put forth by the latter may therefore be reasonable but for the former to do so is an absurdity, for it is not yet fit for the same.

5. Even now the Hindu community is predominant in all ranks of Government Service. So if Home-rule is bestowed it is but certain Mohammadans will never get as much share as they get under the present system of Government.

6. Sind was conquered from Mohammadans and is the home of big and respectable Jagirdars and Land-holders. If any wide awake and well-informed administrator has ever shown sympathy with the fallen Mohammadan community in the shape of bestowing some high places on Mohammadans in Government service on considerations of high family or the backwardness of the community or efficiency of administration, the members of the other community have protested strongly in papers and criticised

hte action of the official concerned in very unpalatable terms.

7. Since Hindus envy Mohammadans in Government Service, in the Councils, and on the Boards, what trust can Mohammadans repose in them and come forward to claim Home Rule in concert with them simply to plunge themselves in permanent slavery to them (Hindus).

8. It is more preferable for Mohammadans to be under the present Government of British Bureaucracy than to be ruled by Hindus. Mohammadans are satisfied with the Local Government that has been granting to them rights and privileges according to their deserts.

9. The security of the rights of Mohammadans lies in separation from Hindus, for the customs and manners of the former are quite divergent and they are numerically far superior to the latter.

10. Sind Mohammadans are mostly Zamindars and agriculturists and therefore constitute the chief source of revenue to Government. But as long as their two grievances are not remedied, they will never attain felicitous circumstances.

First— All civil suits be referred to private 'Arbitration Courts', limitation set upon 'usury', and the provisions of the Punjab Land Alienation Act 13 of 1900 extended to Sind to guard the

Mohammapans' property against alienation by sale, auction and confiscation.

Second— The control of Mohammadans' education should rest with Mohammadans, as under the existing system no benefit is likely ever to accrue to them. The passing of the bill for compulsory education is bound to prove suicidal to Mohammadan interests. For securing to the fallen Mohammadan community the above related two privileges, nay, boons, the name of Honourable Mr: Lawrence will ever remain green in the memory of the Sind Mussalmans like that of late Sir James who immortalized his name by introducing 'The Deccan Relief Act' and the 'Encumbered State system'. Both the names will then remain as bright as the sun for ever in the annals of Sind. Further as full generosity has been shown in respect of the grant of Honourary Magisterial powers, it should be empowered to try small cause civil suits also in the interests of poor agriculturists. In the absence of these things it is next to impossible that the Mohammadan community can ever make any least progress, for all other remedies will be futile and not radical.

11- Not a single clause of the Congress-League reform scheme is conducive to Mohammadan interests. Mohammadans have therefore nothing to do with it.

12. Not only in Sind but in the Punjab too several Mohammadans are deadly against Home Rule and their resolutions or memorials to that effect

must have been submitted to the Government.

12. Home Rule is suited to a country peopled by men of one religion and one caste. Such is not the case here.

14. India, as is well proved by its histories, has never enjoyed self-Government. It is a blunder therefore to compare it to England. How then do Indians deem themselves fit for and entitled to Home Rule!

15. We would not grudge if Goverment, out of generosity, grant any wish of the Hindus provided of course Mohammadan interests be not jeopardised thereby.

16. Any demands put forth by Hindus should be considered to have been made solely by them and Mohammadans will have nothing to do with the same even though they may contain a statement to the effect that Mohammadans acquiesce in them-

17. When the relations between the Hindus and Mohammadans are not amicable as evidenced by the recent sad occurrances in Behar, Shahabad, Badiwan, Brailly and Delhi, the grant of Home Rule will on the contrary further such disturbances.

18. When Hindus cannot even make a small sacrifice in the shape of House Tax for the welfare of their country—it being a Ist lesson in self-help—what good can they do to the country when granted

Home Rule? The stronger community will have every thing to itself.

19. Mohammadans express their utmost regret at the attitude of the Hindus who have at this momentous juncture of the war embarrassed the Government by their unreasonable demands. This is indeed the most inopportune moment chosen by them.

20. In conclusion, Mohammadans offer their hearty prrayer for the success of the Allies over their ruthless enemy. They also assure the Government of their full sympathies with them and thank God that in this very trying time they have proved themselves to be unflinching in their loyalty and devotion to their sovereign and express a hope they will continue to be so as long as life is in them.

In conclusion, we cannot refrain from observing that since our Hindu brethren of Sind and their lady leaders have beem vauntingly giving out that the country, originally theirs, was made over to the English for mere administration's sake and that they were now demanding it back without at all begging for Home Rule, it will be highly expedient for Government to issue a press communique stating that Government is prepared to return the country with its Home Rule to those from whom it was conquered by them. It should then be seen whether our brethren persist in their demand or show their heels. This will serve as a very effective way of muzzling their mouths because it is as clear as a day that Sind belonged

to Mohammadans and was taken from them. How is it then that Hindus demand its Home Rule? What an absurd claim! As a matter of fact Mohammadans should advance this claim but they will do it only when they consider themselves quite fit for it. In the meanwhile why should others meddle in a matter which does not at all concern them?

Note: Besides, objections to the Congress-League Reform Scheme and Sind Provincial Scheme have also been written in this book which forms vernacular part of it.

Shamsuddin "Bulbul"

مرحوم شمس الدين بلبل، سنڌ جو پهريون اخبار نويس آهي، جنهن اخبار نويسيءَ کي ڪمال تي پهچايو. پاڻ ڇهن اخبارن ۽ رسالن جا ايڊيٽر رهيا.

جام جم، بلبل مرحوم جي اخبار نويسيءَ جي فن جو هڪ تاريخي يادگار آهي. جنهن ۾ ”آفتاب سنڌ“ اخبار ۾ آيل اهي ايڊيٽوريل آهن جي ”هوم رول تحريڪ“ ۽ سنڌ جي مسلمانن جي حفاظت لاءِ 1918ع ڌاري لکيا ويا.

انهيءَ دور ۾ 1857 کان 1920 تائين ڪيئي تحريڪون پيدا ٿيون، جيئن هوم رول تحريڪ، ڪانگريس، هندو مهاسڀا، مسلم ليگ وغيره. بلبل انهيءَ دور ۾ ”هوم رول“ جي آڙ ۾ مسلمانن جي تهذيبي، سياسي حيثيت کي نظرانداز ڪرڻ جي پاليسي اختيار ڪئي ويئي. ان جي خلاف، ”آفتاب سنڌ“ ۾ احتجاج ڪيو ۽ دليلون پيش ڪري، مسلمانن کي خبردار ڪيو ويو ته ان جار ۾ نه ڦاسن.

ان سلسلي ۾ ان دور جي سياسي ليڊرن جي خيالن تي به سخت تنقيد ڪئي ويئي، خاص طرح غلام محمد خان ڀرڳڙيءَ جي راين سان سخت اختلاف ڪيو ويو آهي، جو هوم رول تحريڪ کي مسلمانن لاءِ نفع بخش قرار ڏيئي چڪو هو.

هي ڪتاب انهيءَ دور جي تاريخ آهي، جنهن ۾ ويهين صديءَ واري شروعاتي دور جو سياسي ۽ سماجي پس منظر ڏنل آهي.

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ جاڙ وڏي تي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)